REG NO. 3833

ABC Certified

ايڊيٽر: اعجاز مهر

روزاني

سنڌيار

سکر

www.dailysindhyar.com

sindhyarskr@gmail.com

(جلد 02) سوم 15 اپريل 2024ع بمطابق 05 شوال المکرم 1445ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو: 319

ايران اسرائيل تي سڌو حملو ڪري ڇڏيو، درون ۽ ڪروز ميزائل فائر

ايران اسرائيل تي سڌي ريت درون حملا ڪيا، حملي ۾ اسرائيلي دفاعي اڏاوتن ۽ فوجي ٺاڪن کي نشانو بڻايو ويو آهي

ايران اسرائيل ۾ 50 سيڪڙو هدفن کي ڪاميابي سان نشانو بڻايو، اسرائيل تي حملي ۾ ايران جا اتحادي يمن، لبنان ۽ عراق به شامل آهن، اسرائيل تي مختلف پاسن کان حملو ڪيو ويو

ايران پنهنجي سرزمين تان اسرائيل جي سرزمين ڏانهن بنا پائليٽ وارا جهاز روانا ڪيا، رڳو ڪجهه ايراني ميزائل اسرائيل جي سرزمين تي ڪريا جنهن سبب فوجي اڈي ۽ اڏاوتن کي معمولي نقصان پهتو:اسرائيلي فوج

ايراني حملن جي جواب ۾ آمريڪا ۽ اردن اسرائيل جي مدد ڪندي ايراني ڊرونز ڪيرائي ڇڏيا، يمن جي حوثين ۽ لبنان جي حزب الله طرفان به اسرائيل تي حملن جا اطلاع آهن

اسرائيل تي حملو دمشق ۾ ايران جي سفارتخاني کي نشانو بنائڻ جي نتيجي ۾ ڪيو ويو آهي جيڪڏهن اسرائيل بيوقوفي ڪندي جوابي حملو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته وڏي پيماني تي نقصان کڻڻ لاءِ تيار رهي:ايران

اسرائيل تي سڌي ريت درون حملا ڪيا، حملي ۾ اسرائيلي دفاعي اڏاوتن ۽ فوجي ٺاڪن کي نشانو بڻايو ويو

اسرائيل تي 200 درون ۽ ڪروز ميزائل فار ڪري ڇڏيا، ايراني خابرو اداري موجب ايران

نشانو بڻايو ويو ايران اسرائيل ۾ 50 سيڪڙو هدفن کي ڪاميابي سان نشانو بڻايو

اسرائيل تي حملي ۾ ايران جا اتحادي يمن، لبنان ۽ عراق /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

نئون ديرو:صدر پاڪستان آصف علي زرداري ۽ ب پ چيئرمين بلاول پٽو ڪارڪنن کي نعري جو جواب ڏيندي

ڪجهه سياستدان ذاتي انا لاءِ ملڪ سان کيڏڻ چاهيندا آهن: بلاول پٽو

اڄوڪو جلسو صرف هڪ جلسو ناهي پر عوام جي قائد جي اصولن تي عمل ڪرڻ جو اجتماعي عزم آهي، عوام شهيد پٽو جي ورثي کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ لاءِ گڏ ٿي رهيو آهي

شهيد پٽو ڪيس تي سپريم ڪورٽ جو تازو فيصلو عدالتي فيصلي سان گڏوگڏ جمهوريت ۽ انصاف لاءِ عوام جي غير متزلزل جدوجهد ۽ عزم جو ثبوت آهي

اڄ جي تاريخي جلسي ۾ شرڪت لاءِ سڄي ملڪ مان ڳڙهي خدا بخش ۾ آيل سڀني سڄڻن کي سلام، اوهان جي موجودگي پٽو ازم جي مضبوط ورثي ۽ عوام جي غير متزلزل جذبي جو ثبوت آهي

اڄ اسان کي شهيد پٽو کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ جو عزم ڪرڻ گهرجي، جنهن لاءِ هن پنهنجي جان قربان ڪئي، اچو ته هڪ اهڙو پاڪستان ناهڻ لاءِ جدوجهد ڪريون، جتي انصاف جي بالادستي هجي

هڪ اهڙو پاڪستان آهي جتي جمهوريت پڪڙيل هجي ۽ هر شهري کي پنهنجي پرپور صلاحيت استعمال ڪرڻ جي صلاحيت هجي، اچو ته گڏجي هڪ نئون عزم ڪري شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي جذبي کي اڳتي وڌايون

نئون ديرو/ ڳڙهي خدا بخش/ لاڙڪاڻو (رپورٽر+ م ڊ) شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 45 هين ورسي تي گزري جنهن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻن ۽ جيئالن وڏي اٺنگ ۾ شرڪت ڪئي ورسي جي تقريب ۾ پاڪستان جو صدر آصف علي زرداري، پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو وزير اعلي سنڌ سيد مراد علي شاهه ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جي ٻين اڳواڻن شرڪت ڪئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

نئون ديرو:صدر پاڪستان آصف علي زرداري جلسي کي خطاب ڪري رهيو آهي

پي ٽي آءِ باني پاڻ پنهنجي لاءِ مسئلا پيدا پيو ڪري: وڏو وزير

پي ٽي آءِ باني اقتدار ۾ حمايت ۽ طاقت جو غلط استعمال ڪيو، پي ٽي آءِ چيئرمين سياست بدران طاقت جو استعمال ڪيو ۽ پنهنجي لاءِ مسئلا پيدا ڪيا

هاڻي چونڊون ٿي چڪيون آهن ته هن وقت ڪنهن تحريڪ جو جائزو وٺڻ نٿو ٿهي:وزيراعليٰ مراد علي شاهه

شهيد پٽو جي ورسي جو ڳڙهي خدا بخش پٽو ۾ پروگرام آهي، والد صاحب جي ورسي جي قرآن خواني ۾ شرڪت ڪري ڳڙهي خدا بخش ويندس

سيوهڻ (رپورٽر) وڏي وزير مراد علي شاهه چيو آهي ته پي ٽي آءِ باني اهو شخص آهي جيڪو پنهنجي لاءِ پاڻ مسئلا پيدا ڪري ٿو وڏو وزير پنهنجي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

سيوهڻ:وڏو وزير سيد مراد علي شاهه ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

الله تعاليٰ جو شڪر گذار آهيان جنهن مون کي اهڙي نيڪ ڪم لاءِ چونڊيو آهي:سوئيٽ هوم سرپرست اعليٰ زمرد خان

سکر(رپورٽر) سوئيٽ هوم جي سرپرست ۽ سربراهه زمرد خان آءِ بي يونيورسٽي ۾ پاپاجاني اسڪالر شپ تقريب کي خطاب ڪندي چيو ته الله تعاليٰ جو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

اسان جي حالتن جو سبب اسلام آباد ۾ ويٺل بابوئن جي گهٽ عقلي آهي:صدر آصف علي زرداري

اڄ تاريخ ۾ بينظير پٽو ڳالهائي رهي آهي، محترمه مون کي پارٽي چيئرمين بڻايو ته دوستن کي شڪ هو ته مان اها ذميواري ادا نه ڪري سگهندس

پيپلزپارٽي 40 سالن کان عوام لاءِ وڙهي رهي آهي، عوام ۽ ڪارڪنن جي طاقت سان جيل ڪاٽيا، ڪو به قدر ڪٽڻ کان اڳ اسان کي سوچڻو سمجهڻو پوندو آهي

هر ڪم کان اڳ سوچيندو آهيان ته ان سان ملڪ عوام کي نقصان نه ٿئي، اسان کي سوچي سمجهي اڳتي وڌڻو پوندو ته جيئن ملڪ کي نقصان نه ٿئي

لاڙڪاڻو (رپورٽر) صدر آصف علي زرداري چيو آهي ته اسان جي اڄوڪين حالتن جو سبب اسلام آباد ۾ ويٺل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

ذرين کي صبر کان ڪم وٺڻ گهرجي: پاڪستان

پاڪستان ڪيترن ئي مهينن کان غزا ۾ جنگبندي لاءِ عالمي ڪوشش جي ضرورت تي زور ڏئي رهيو آهي:ترجمان ممتاز زهريٰ

اڄ جي اڳيرائي سفارتڪاري ٽنڊ جي نتيجن کي ظاهر ڪري ٿي ،هي صورتحال سنگين حالتن کي ظاهر ڪري ٿي

جتي گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل امن ۽ سلامتي کي برقرار رکڻ جون پنهنجون ذميواريون پوري ڪرڻ کان بيوس آهي

اسلام آباد (بيورو) ايران پاران اسرائيل تي حملي بعد پاڪستان وچ اوڀر جي صورتحال تي گهري ڳڻتي جو اظهار ڪندي چيو آهي ته ذرين کي صبر کان ڪم وٺڻ گهرجي، پرڏيهي آفيس جي ترجمان پاران جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي ته سموري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

ايران خلاف آپريشن ۾ آمريڪا، اسرائيل جو ساٿ نه ڏيندو: بائيڊن

آمريڪا ايران خلاف جارحاڻي آپريشن ۾ حصو نه وندو، اها ڳالهه هولهه جو بائيڊن ۽ نيتن ياهو وچ ۾ ٽيليفونڪ رابطي دوران ٿي

آمريڪي صدر نيتن ياهو کي ٻڌايو ته هن اسرائيل جي حملن خلاف دفاع ۽ حملن کي ناڪام ڪرڻ لاءِ صلاحيت جو مظاهرو ڪيو آهي

واشنگٽن (م ڊ) ايران جي اسرائيل تي 200 درون ۽ ميزائل حملن کانپوءِ آمريڪي صدر جو بائيڊن اسرائيلي وزيراعظم نيتن ياهو سان ٽيليفونڪ رابطو ڪيو ۽ هن واضح ڪيو ته آمريڪا ايران تي جارحاڻي آپريشن ۾ ساٿ نه ڏيندو. آمريڪي خابرو اداري موجب آمريڪي صدر جو بائيڊن نيتن ياهو کي ٻڌايو ته آمريڪا ايران خلاف جارحاڻي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

وفاقي وزير محمد اورنگزيب وفد سان گڏ آمريڪا روانو

وفد واشنگٽن ۾ آءِ ايم ايف سان نئين بيل آئوٽ پيڪيج لاءِ ڳالهيون ڪندو

اسلام آباد (بيورو) آءِ ايم ايف سان ڳالهين لاءِ ناٿي وارو وفاقي وزير محمد اورنگزيب وفد سان گڏ آمريڪا روانو ٿي ويو. وفد واشنگٽن ۾ آءِ ايم ايف سان نئين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

ايران اسرائيل کي خبردار ڪري ڇڏيو

ايران ضرورت پوڻ تي پنهنجي دفاع جي حق کي استعمال ڪرڻ کان نه ڪيبائيندو:امير سعيد ايروائي

جيڪڏهن اسرائيلي حڪومت پيهر ڪنهن فوجي اڳرائي ڪئي ته ايران جو جواب يقيني طور تي وڏيڪ مضبوط ۽ ڳنڀير هوندو

تهران (م ڊ) ايران خبردار ڪيو آهي ته جيڪڏهن اسرائيل گذريل رات جي حملن تي جوابي ڪارروائي ڪئي ته ان جا ڪيس ڳنڀير نتيجا پوڳڻا پوندا. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

آمريڪي فوج بيلسٽڪ ميزائل ڊفينس سسٽم لڳايو هو: وائيٽ هائوس

اسرائيل جي دفاع لاءِ آمريڪي فوج گذريل هفتي هوائي جهاز ۽ بيلسٽڪ ميزائل ڊفينس سسٽم ايترائڊر کي خطي ۾ منتقل ڪيو

انهن مقررين جي ڪري اسان اسرائيل ۾ ايران طرفان آيل ڊرونز ۽ ميزائلن کي ڪيرائڻ ۾ مدد ڪئي

واشنگٽن (م ڊ) اسرائيل تي ايراني حملن کانپوءِ وائيٽ هائوس بيان جاري ڪيو آهي. وائيٽ هائوس پاران چيو ويو آهي ته اسرائيل جي دفاع لاءِ آمريڪي فوج گذريل هفتي هوائي جهاز ۽ بيلسٽڪ ميزائل ڊفينس سسٽم ايترائڊر کي خطي ۾ منتقل ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

جنگ وڌڻ اسرائيل کانسواءِ ڪنهن جي مفاد ۾ ناهي: مليح لودي

پهريون پيرو ايران ۽ اسرائيل سڌي ريت ٽڪرايا آهن، جنگ جيڪڏهن خطي ۾ وڌي ته پاڪستان تي به ان جا اثر پوندا، جنگ وڌڻ اسرائيل کانسواءِ ڪنهن جي مفاد ۾ ناهي

ايراني سفارتخاني تي اسرائيلي حملو عالمي قانونن جي پيچيڪڙي هئي جنهن ڪانپوءِ ايران تي اندريون ۽ ٻاهريون دٻاءُ وڌيو هو

ايران رڳو فوجي ٺاڪن تي حملا ڪيا، شهري جاين تي ناهن ڪيا، ايران جو مقصد رڳو اسرائيل کي خبردار ڪرڻ هو، اسرائيل چاهيندو ته آمريڪا جنگ ۾ ملوث ٿي ويندو

ڪراچي (رپورٽر) گڏيل قومن ۾ پاڪستان جي اڳوڻي نمائندي مليح لودي چيو آهي ته پهريون پيرو ايران ۽ اسرائيل سڌي ريت ٽڪرايا آهن، جنگ جيڪڏهن خطي ۾ وڌي ته پاڪستان تي به ان جا اثر پوندا، جنگ وڌڻ اسرائيل کانسواءِ ڪنهن جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

سنڌ جي مختلف شهرن ۾ مينهن جو وسڪارو موسم خوشگوار ٿي وئي

ڪراچي جي ڊفينس اختر ڪالوني، صدر، لائينز ايريا، محمود آباد، اعظم ٽائون، ڪالا پل ۽ ٻين علائقن ۾ هلڪو مينهن پيو

نصيرآباد، متياري، اڈيرو لال، ڏرڪري، ٺارو شاهه، هالا، بادين، گاجي کهاڙ ۽ ٻين شهرن ۾ ڪٿي تيز ته ڪٿي هلڪي برسات جاري

موسميات کاتي حيدرآباد سميت مختلف ضلعن ۾ آنڌاري سان گڏ برسات جو امڪان ظاهر ڪيو آهي

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي مختلف شهرن ۾ برسات سبب موسم خوشگوار ٿي وئي آهي. ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ هلڪي برسات پئي آهي. ڊفينس اختر ڪالوني، صدر، لائينز ايريا، محمود آباد، اعظم ٽائون، ڪالا پل ۽ ٻين علائقن ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ واٽر ڪارپوريشن انتظاميه طرفان پائپ ڪيڏڻ جو سلسلو جاري

برسات کان اڳ سڄي شهر ۾ سڪشن مشينون، ڊي واٽرنگ پمپس ۽ ٻئي مشينري کي پهچائي ڪري برسات واري پاڻي جي نيڪالي کي يقيني بڻايو: ترجمان

سي او او واٽر ڪارپوريشن انجنيئر اسد الله خان شهر جي مختلف علائقن جو دورو ڪري پاڻي جي نيڪالي جي ڪمن جو پاڻ جائزو ورتو

برسات واري پاڻي جي نيڪالي مڪمل ٿيڻ تائين واٽر ڪارپوريشن جون گاڏيون ۽ عملو روڊن تي موجود رهندو:انجنيئر اسد الله خان

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير، ميئر ڪراچي ۽ چيف سيڪريٽري سنڌ ۽جي هدايتن تي مڪمل عملدرآمد ڪندي واٽر ڪارپوريشن برسات کان اڳ سڄي شهر ۾ سڪشن مشينون، ڊي واٽرنگ پمپس ۽ ٻئي مشينري کي پهچائي ڪري برسات /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

ڪراچي:سي اي او واٽر ڪارپوريشن انجنيئر اسد الله خان شهر جو دورو ڪري برساتي پاڻي جي نيڪال جي ڪم جو معائنو ڪري رهيو آهي

سنڌ حڪومت صوبي ۾ برساتن کي نظر ۾ رکندي هارين جي مدد لاءِ زرعي ايمرجنسي ريبيڊ ريسپانس يونٽ قائم ڪري ڇڏيو

صوبائي وزير سردار محمد بخش مهر جي هدايتن تي سنڌ جي زراعت کاتي جي سمورن آفيسرن ۽ ملازمن جون موڪلون منسوخ ڪيون ويون آهن

ريبيڊ ريسپانس ٽيم جوڊي جي زراعت سربراهه ۽ ريسرچ، انجنيئرنگ ونگ، آن فارم مينيجمينٽ ونگ جا ڊي جيز ٽيم جو حصو هوندا:سيڪريٽري زراعت

زراعت کاتي جا فيلڊ اسسٽنٽ گهر گهر وڃي هارين کي حفاظتي اپائن بابت معلومات فراهم ڪندا:ترجمان زراعت کاتو

ڪراچي (هم آ) سنڌ حڪومت صوبي ۾ برساتن کي نظر ۾ رکندي هارين جي مدد لاءِ زرعي ايمرجنسي ريبيڊ ريسپانس يونٽ قائم ڪري ڇڏيو آهي ۽ سمورن ملازمن ۽ آفيسرن جون موڪلون منسوخ ڪيون ويون آهن. زراعت واري صوبائي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

نوري آباد ويجهو بس ۽ ڪوسٽر ڪلٽي، 4 ڄڻا فوت، 20 کان وڌيڪ زخمي

حادثي جي نتيجي ۾ لاڙڪاڻي واسي غلام شبير چانڊيو، شهدادڪوٽ واسي علي جان مگسي، هڪ عورت ۽ هڪ ٻارڙو فوت ٿي ويا

حادثي جي نتيجي ۾ خدابخش، منور علي، غلام شبير، محمد يعقوب، فرزانه سميت 20 ڄڻا زخمي ٿي پيا

ڪراچي (رپورٽر) نوري آباد ويجهو برسات سبب مسافر بس ۽ ڪوسٽر ڪلٽي ٽيڪ جي نتيجي ۾ 4 ڄڻا فوت ۽ 20 ڄڻا زخمي ٿي پيا. موٽر وي تي برسات سبب مسافر بس ۽ ڪوسٽر ڪلٽي ٿي پيا. حادثي جي نتيجي ۾ لاڙڪاڻي واسي غلام شبير چانڊيو، شهدادڪوٽ واسي علي جان مگسي، هڪ عورت ۽ هڪ ٻارڙو فوت ٿي ويا. حادثي جي نتيجي ۾ خدابخش، منور علي، غلام شبير، محمد/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

سپريم ڪورٽ جي فيصلي بعد ثابت ٿيو ته شهيد ڀٽو جو عدالتي قتل ٿيو:راجا پرويز اشرف

ڪافي ڏهاڪن کان پوءِ سپريم ڪورٽ اعتراف ڪيو آهي ته شهيد ذوالفقار ڀٽو جي ڪيس ۾ ناانصافي ٿي آهي

شهيد ڀٽو جمهوريت ۽ امت مسلم لاءِ بلند ۽ طاقتور آواز هيو، ڀٽي جي عدالتي قتل سان قوم ۽ ڪينرن ٽي نسلن جو نقصان ٿيو آهي جنهن جو ازالو نٿو ڪري سگهجي

ايران، اسرائيل ۾ پيدا ٿيل ڪشيدگي جي حوالي سان دنيا جنگي حالت نٿي چاهي، حڪومت نٿي چاهي ته ايران ۽ اسرائيل ۾ جنگ ٿي ان ڪري جو ايران سان اسان جا سٺا لاڳاپا آهن

خريور (رپورٽ:اعجاز جکڙ) پيپلز پارٽي جي اڳوڻي وزراعظم، راجا پرويز اشرف، اڳوڻي ايم اين اي نواب علي وسان، آزاد ڪشمير جي محمد ياسين، ڪي پي ڪي جي صدر همايون خان، هدايت الله خان گڏيلطور وسان هائوس خيرپور ۾ پريس ڪانفرنس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

نوشڪي سانحو: بلوچستان جي وڏي وزير جي صدارت هيٺ اهم اجلاس

وڏي وزير جي صدارت هيٺ امن امان بابت اعليٰ سطحي اجلاس ٿيو جنهن ۾ نوشڪي سانحي ڪانپوءِ واري صورتحال جو جائزو ورتو ويو

اجلاس ۾ نوشڪي واقعي جي مذمت ۽ مستقبل ۾ اهڙن واقعن جي رنڊ روڪ لاءِ سيڪيورٽي پلان نئين سر ترتيب ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو

دهشتگردي خلاف جنگ رڳو سيڪيورٽي فورسز جي نه، امن دشمن خلاف هي جنگ سياستدان، سول آرمڊ فورسز، بيوروڪريسي، عالمن ۽ ميڊيا، سڀني کي وڙهڻي آهي:سرفراز بگٽي

ڪوئيٽا (رپورٽر) بلوچستان جي وڏي وزير ميئر سرفراز بگٽي چيو آهي ته دهشتگردي خلاف هي جنگ رڳو سيڪيورٽي فورسز جي نه پر امن دشمن خلاف رياست جي جنگ آهي. وڏي وزير جي صدارت هيٺ امن امان بابت اعليٰ سطحي اجلاس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

برساتن کي نظر ۾ رکندي صوبي جي سمورن مڪاني ادارن، انتظاميا ۽ اسپتالن کي هاءِ الرٽ ڪيو ويو آهي:چيف سيڪريٽري سنڌ

ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن، ڪراچي اليڪٽرڪ، واسا ۽ ڪنٽونمينٽس ڪنهن به هنگامي صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار رهن

شهر جي مڪيه رستن تي بي واٽر ٽينڪر پمپ لڳايا وڃن، سمورا ضلعا انتظامن کي وقت سر مڪمل ڪن ۽ ڪنهن به صورتحال کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار رهن

برساتن کي نظر ۾ رکندي ڊائريڪٽر ڊيموڪريشن عبدالسجاد خان جي سربراهي ۾ رين ايمرجنسي سينٽر قائم ڪيو آهي

ڪراچي (هم آ) سنڌ جي چيف سيڪريٽري برساتن کي نظر ۾ رکندي سمورن لاڳاپيل ادارن ڪي هاءِ الرٽ رهڻ جو حڪم ڏنو آهي. چيف سيڪريٽري سنڌ سيد آصف حيدر شاهه سمورن ڪمشنرن ۽ ڊپٽي ڪمشنرن کي هدايت ڪئي ته /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

ڪراچي:چيف سيڪريٽري سنڌ جي هدايتن تي مختلف علائقن مان پاڻي نيڪال ڪيو پيو وڃي

عوام لاءِ وڏو رليف: پنجاب حڪومت ماني جي قيمت 4 روپيه گهٽ ڪري ڇڏي

لاهور (م ڊ) پنجاب حڪومت عوام کي وڏو رليف ڏيندي ماني جي قيمت 4 روپيه گهٽ ڪري ڇڏي آهي. سماجي رابطن جي ويب سائيٽ(ايڪس) تي اعلان ڪندي پنجاب جي وزيراعليٰ مريم نواز شريف چيو ته اڄ کان ماني جي قيمت 20 روپين کان گهٽ ڪري 16 روپيه في ماني مقرر ڪئي وئي آهي. مريم نواز پنجاب جي سمورن ضلعن ۽ لاڳاپيل ڪاٽن کي هدايتون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

سعودي وفد جو 17 اپريل تي پاڪستان جو دورو، 5 ارب ڊالر سرمائيڪاري جو امڪان

سعودي وفد پاڪستان ۾ ريڪوڊيڪ، ڊيامير پاشا ڊيم، نئين آئل ريفائنري جي ٻاڻ سمت مائننگ ۽ سياحت جي شعبن ۾ پنج ارب ڊالرن جي سرمائيڪاري جي لاءِ اجلاس ڪري رڊ ميپ طئي ڪندو

مئي ۾ سعودي عرب جي ولي عهد محمد بن سلمان جو به پاڪستان اچڻ جو امڪان آهي جنهن جي دوران معاهدن کي حتمي شڪل ڏني ويندي

ياد رهي ته وزيراعظم جي تازي سعودي عرب جي دوري دوران محمد بن سلمان سان ملاقات ٿي جنهن ۾ ٻنهي ملڪن وچ ۾ سرمائيڪاري کي هٿي ڏيڻ جي لاءِ ڳالهيون ڪيون ويون

اسلام آباد (بيورو) سعودي پرڏيهي وزير فيصل بن فرحان السعود جي سربراهي ۾ سعودي سرمائيڪارن ۽ اقتصادي ماهرن جو اعليٰ سطحي وفد 17 اپريل تي پاڪستان جو دورو ڪندو. سعودي وفد پاڪستان ۾ ريڪوڊيڪ، ديامير پاشا ڊيم. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

آپريشن مڪمل ٿيو! سفارتخاني کي نشانو بنائڻ جي جواب ۾ اسرائيل تي حملو ڪيو:ايران

جيڪڏهن اسرائيل بيوقوفي ڪندي جوابي حملو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته وڏي پيماني تي نقصان کڻڻ لاءِ تيار رهي

دفاعي ٺڪائن ۽ گولان جي جابلو علائقي تي فوجي ٺڪائن کي به نشانو بنايو جڏهن ته 300 کان وڌيڪ بيلسٽڪ ميزائل فائر ڪيا

ايراني ميڊيا دعويٰ ڪئي آهي ته تهران اسرائيل ۾ 50 سيڪڙو حدفن کي نشانو بنائڻ ۾ ڪامياب رهيو

تهران (م ڊ) ايران اسرائيل تي ميزائل ۽ ڊرون حملن کان پوءِ آپريشن مڪمل ٿيڻ جو اشارو ڏئي ڇڏيو آهي. عرب ٽي وي موجب ايران چيو آهي ته اسرائيل تي حملو دمشق ۾ ايران جي سفارتخاني کي نشانو بنائڻ جي نتيجي ۾ ڪيو ويو آهي جيڪڏهن اسرائيل بيوقوفي ڪندي جوابي حملو ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته وڏي پيماني تي نقصان کڻڻ لاءِ تيار رهي. ايران اسرائيل جي گادي واري شهر تل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

سکر پريس ڪلب اڳيان معصوم علي اصغر منگريو اغوا ٿيل جي بازيابي لاءِ احتجاج جاري

زاهد حسين منگريو اعظم منگريو. محمد علي احمد علي مگريو ۽ ٻين پاران احتجاج ڪندي سخت نعربازي ڪئي

مغوي علي اصغر منگريو کي 2015 ۾ جوابدارن سکر جي ايوب گيٽ وٽان اغوا ڪيو هو جنهن کي 9 سال گذرڻ باوجود بازياب نه ٿي سگهيو آهي

معصوم علي اصغر منگريو کي بازياب ڪرائي انصاف ۽ تحفظ ڏنو وڃي جيسيتائين علي اصغر بازياب نه ٿيندو پر امن احتجاج جاري رهندو:مظاهرين

سکر(رپورٽر) سکر پريس ڪلب اڳيان معصوم علي اصغر منگريو اغوا ٿيل جي بازيابي لاءِ هيٺ ڏينهن لڳاتار رات ڏينهن احتجاج جاري آهي. مغوي علي اصغر منگريو کي 2015 ۾ جوابدارن سکر جي ايوب گيٽ وٽان اغوا ڪيو هو جنهن کي 9/ بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ايران جي حملي ڪانپوءِ مختلف شهرن جشن

تهران ۾ شهري ايران جا جهنڊا کڻي روڊن تي نڪري آيا

لبناني راڄڌاني بيروت ۾ به اسرائيل تي حملي جي خوشي ۾ ريلي ڪڍي وئي

تهران (م ڊ) اسرائيل تي ايران طرفان درون حملن تي ايران جي مختلف شهرن ۾ جشن ملهايو ويو. ايراني ميڊيا موجب تهران ۾ شهري ايران جا جهنڊا کڻي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

غزا مان اسرائيل جا ويڙهاڪ جهاز واپس روانا

ايران اسرائيل تي 185 درون، 110 ميزائل ۽ 36 ڪروز ميزائل ڪيرايا

گهٽو ڪري درون ۽ ميزائل حملا ايران مان ٿيا جڏهن ته ڪجهه عراق، يمن ۽ شام مان فائر ڪيا ويا

يروشلم (م ڊ) اسرائيلي عملدارن جو چوڻ آهي ته ايران اسرائيل تي 185 درون، 110 ميزائل ۽ 36 ڪروز ميزائل ڪيرايا. اسرائيلي عملدارن موجب گهٽو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

پ پ اڳواڻ شريف خلجي استعيفيٰ ڏئي پي ٽي آءِ ۾ شموليت جو اعلان ڪري ڇڏيو

پ پ کي الوداع ڪري ڇڏيو آهي، پيپلز پارٽي پٽو نه زرداري خاندان جي پارٽي بڻجي چڪي آهي:شريف خلجي

مراعتن ۽ فنڊز جي لاءِ ڪڏهن به سياست نه ڪئي آهي ان لاءِ پيپلز پاڪستان تحريڪ انصاف ۾ شموليت جو اعلان ڪريان ٿو

ڪوئٽه (م ڊ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳواڻ شريف خان خلجي پارٽي کان استعيفيٰ ڏئي پي ٽي آءِ ۾ شموليت جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. ان حوالي سان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

قومي اسمبلي جو اجلاس اڄ، پارليامينٽ جو گڏيل اجلاس 18 اپريل تي طلب

قومي اسمبلي جو اسپيڪر اياز صادق سڀاڻي شام 5 وڳي ٽينڊڻ اجلاس جي صدارت ڪندو

اجلاس ايوزيشن جي ريڪوزيشن تي گهرايو ويو آهي، اجلاس ۾ ايوزيشن جي ڏنل ايجنڊا تي بحث ڪيو ويندو

اسلام آباد (بيورو) قومي اسمبلي جو اجلاس سڀاڻي طلب ڪيو ويو آهي. جڏهن ته پارليامينٽ جو گڏيل اجلاس ري شيڊول ڪيو ويو. قومي اسمبلي جو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

لاڙڪاڻو:لاڙڪاڻو شهري اتحاد جا اڳواڻ پيپلز پارٽي ايم پي اي سردار خان چانڊيو ۽ برهان خان چانڊيو سان ملاقات ڪري رهيا آهن

سکر پوليس پاران سماجي براين ۾ ملوث ماڻهن خلاف ڪارروائيون جاري

سکر پوليس 108 بوتلون شراب هٿ ڪري هڪ منشيات فروش اختر شاهه کي گرفتار ڪري ڪيو

منشيات فروش روهڙي کان صالح پٽ طرف شراب سپلاءِ ڪرڻ وڃي رهيو هو:پوليس

سکر(رپورٽر) ايس ايس پي سکر عابد علي بلوچ جي هدايتن تي ايس ايس پي سکر عابد علي بلوچ جي هدايتن تي سکر پوليس پاران سماجي براين ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

لاڙڪاڻو:صفائي جو عملو شهر اندر صفائي ڪري رهيو آهي

سڪرنڊ پريس ڪلب ۽ سنڌي ادبي سنگت جي گڏيل سهڪار سان پٽائي ۽ سنڌ جي نالي تي پروگرام منعقد

گڏيل سهڪار سان پٽائي ۽ سنڌ "جي نالي سان قاضي الہ ورايو ميمڻ آڊيٽوريم هال ۾ ليڪچر پروگرام منعقد ڪيو ويو

ليڪڪ عطا چانهيون موضوع تي ليڪچر ڏيندي شاهه عبداللطيف پٽائي جي شاعريءَ کي آسان ٻوليءَ ۾ سمجهائي پيش ڪئي

منهنجو اڃوڪو ليڪچر به سائين جي ايم سيد جي ڪتاب پيغام لطيف مان آهي تہ ان ۾ ڪو وڌاءُ نہ هوندو: عطا چانهيون ۽ ٻيا

سڪرنڊ (رپورٽ راج ڪمار اوڊ) سڪرنڊ پريس ڪلب ۽ سنڌي ادبي سنگت جي گڏيل سهڪار سان "پٽائي ۽ سنڌ "جي نالي سان قاضي الہ ورايو ميمڻ آڊيٽوريم هال ۾ ليڪچر پروگرام منعقد ڪيو ويو جنهن جو مهمان خاص پٽائي جو پارکو ۽ عطا چانهيون ميرزم جو بانيڪار عطا محمد چانهيون هو جڏهن تہ صدارت سنڌ ٽنڪرس فورم جي چيئرمين سيد محمد منير شاه / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

نوشهرفيروز سي آءِ اي پوليس انچارج اڪبر چنا ۽ ايس ايچ او سٽي پاران ڏوهارين سان مقابلو

ڏوهجي ارادي سان آيل ڏوهارين سان پڌعيدن روڊ روڙهڙي ڪئنال تي مبينا مقابلي بعد گرفتاريون

غلام عباس پنهور-علي حسن چانڊيو ۽ عبداللطيف چانڊيو مبينا زخمي ڊرائيور نادر ڀگهيو گرفتار ڪيا ويا

مختلف ٽائن تي 30 کان مٿي هرهڪ تي ڪيس داخل آهن 3 زخمين کي سول اسپتال داخل ڪيا ويو آهي: عملدار

نوشهروفيروز(رپورٽر:منظور ملڪ) نوشهرو فيروز: نوشهر فيروز سي آءِ اي پوليس انچارج اڪبر چنا ۽ ايس ايچ او سٽي اسد النبي ڪجي سٽي پوليس هڪ ڪنٽر تالا ڪٽڻ واري گهر ۾ داخل ٿيڻ لاءِ رسو پڻ رکڻ هڪ فرار هڪ ڊرائيور گرفتار روهڙي / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

جي وڏي ڪاروائي نوشهري ۾ ڏوهجي ارادي سان آيل ڏوهارين سان پڌعيدن روڊ روڙهڙي ڪئنال تي مبينا مقابلو 3 ڏوهاري زخمي پستل رکوءِ

نوشهروفيروز: مبينا پوليس مقابلي ۾ زخمي ٿيل جوابدار اسپتال ۾ داخل آهي

ڪوٽڙيءَ ۾ ٻولهاڙي اتحاد پاران سنگرار مان اغوا ٿيل پريا ڪماريءَ جي بازيابيءَ لاءِ احتجاج

جامشورو: (رپورٽر) ڪوٽڙيءَ ۾ ٻولهاڙي اتحاد پاران سنگرار مان اغوا ٿيل معصوم نيائي پريا ڪماريءَ جي بازيابيءَ لاءِ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ڏس ٻولهاڙي اتحاد پاران سنگرار مان اغوا ٿيل معصوم نيائي پريا ڪماريءَ جي بازيابيءَ ۽ بااثر جوابدارن جي گرفتاريءَ لاءِ ڊي سي آفيس کان ريلي ڪڍي جامشورو ميڊيا سينٽر / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

نوشهرو فيروز ۾ جسم جي مرڪزي سڌ تي مورو ۾ ڪٽڪ خريد نہ ڪرڻ خلاف احتجاج

ڏاڙيل راج خلاف ۽ پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ مورو پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

عباسي باغي جنيد ڊلو آڪاش سنڌي توفيڪ چانڊيو اشفاق ملڪ ذيشان عالماڻي ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا

سنڌ ۾ لاقانونيت جو راج آهي هر طرف سرڪاري ڏاڙيل مقرر ڪيا ويا آهن، امن امان تباه ڪيو ويو آهي: اڳواڻ

نوشهروفيروز(رپورٽر: منظور ملڪ) جيئي سنڌ محاذ جي مرڪزي سڌ تي مورو ۾ آبادگارن کان سرڪاري اڳهه تي ڪٽڪ خريد نہ ڪرڻ هٿرادو ڏاڙيل راج خلاف ۽ پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ مورو پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

نوشهروفيروز: جسم پاران پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

تنڊوآدم ۽ ڀرپاسي 2 نوجوانن پاران ڌار ڌار آپگهات ڪرڻ جي ڪوشش، اسپتال داخل

تنڊوآدم (رپورٽر) تنڊوآدم ۽ ڀرپاسي 2 نوجوانن پاران ڌار ڌار آپگهات ڪرڻ جي ڪوشش اسپتال داخل رپورٽ موجب، تنڊوآدم ۾ نوجوان رحيم بخش ولد بادل گهرو مسئلن سبب پستل سان فائر ڪري آپگهات ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن کي تعلقہ اسپتال تنڊوآدم آڻڻ بعد ڳٺني جوڳي حالت ۾ ايل ايم يو حيدرآباد/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

منياڻي ويجهو نوجوان گهرواٽبٽ تان پڪي ۾ رسو وهي ڦاهو ڪائي آپگهات ڪري ڇڏيو

19 سالا غير شادي شده نوجوان عامر علي ولد اسدالله چانڊيو ڪمري ۾ چت ۾ ڦاهو ڪائي انت آندو

لاش جو نيو جتوئي رورل هيلٿ سينٽر مان پوسٽ مارٽم ڪرائي لاش وارثن حوالي ڪيو ويندو: پوليس

نوشهروفيروز(رپورٽر:منظور ملڪ) منياڻي ويجهو نوجوان گهرواٽبٽ تان پڪي ۾ رسو وهي ڦاهو ڪائي آپگهات ڪري ڇڏيو ، اوچتو ٿيل واقعي سبب گهر ۾ ڪهرام مچي ويو. فريد ديرو پوليس واقعي واري هنڌ پهچي وئي . خبر موجب منياڻي ويجهو فريد ديرو ٽائي جي حد ۾ گهر / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

تنڊو محمد خان جي پراڻي بس اسٽاپ تي جوا جي اڈي تي پوليس جو ڇاپو، 17 جواري گرفتار

پراڻي بس اسٽاپ تي جوا جي اڈي تي پوليس مليل اطلاع تي ڇڙهائي ڪري جوارين کي گرفتار ڪيو

رقم سميت سڳ سوڌو گرفتار ڪيل 17 جڻن کي تنڊو محمد خان جي ستي ٿاڻي تي لاڪپ ڪيو ويو

بااثر شخصيت جي مداخلت ۽ ڏيتي ليتي بعد 17 جوارين کي بنا ڪنهن ايف آءِ آر داخل ڪرڻ جي ڇڏي ڏنو

تنڊو محمد خان (ڊر مظفر علي بروهي) تنڊو محمد خان جي پراڻي بس اسٽاپ تي جوا جي اڈي تي پوليس جو ڇاپو، 17 جواري تاش جي بٽن ، لکين روپين جي رقم سميت گرفتار ، وري آزاد ، خبر موجب تنڊو محمد خان شهر جي پراڻي بس اسٽاپ تي جوا جي اڈي تي پوليس مليل اطلاع تي ڇڙهائي ڪري 17 جوارين کي جوا جي بٽن ، لکين روپين جي رقم سميت سڳ سوڌو گرفتار ڪري/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

سراج خان درانيءَ ۽ ڀاءُ شجاع الدين خان دراني پاران ڊاڪٽر زينت عيسائي انسٽيٽيوٽ جو دورو

آغا شجاع الدين ڊاڪٽر زينت عيسائي انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنس ڳڙهي ياسين جو دورو ڪيو

ڊاڪٽر زينت عيسائي ۽ ڊاڪٽر مظفر علي عيسائي جيان عوامي پلاٽيءَ جا ادارا قائم ڪرڻ گهرجن: اڳواڻ

ڳڙهي ياسين ۾ هاسپيٽل جي قيام ۾ سنڌن جي خاندان جي تعاون جا نهايت شڪرگذار آهيون: ميڊيا سان ڳالهيون

شڪارپور (رپورٽر: عبدالخالق سومرو) اڳوڻي اسپيڪر سنڌ اسمبلي آغا سراج خان درانيءَ سنڌس ڀاءُ آغا شجاع الدين خان درانيءَ ڊاڪٽر زينت عيسائي انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنس يونٽ ڳڙهي ياسين جو دورو ڪيو سنڌن جي/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

شڪارپور: پ پ اڳواڻ آغا سراج درانيءَ اسپتال جو دورو ڪري رهيو آهي

چيمافارم لڳ نائين واٽر تي ڪار ۽ موٽر سائيڪل ۾ زوردار ٽڪر، 20 سالہ نوجوان زخمي

سامارو (رپورٽر) چيمافارم لڳ نائين واٽر تي ڪار ۽ موٽر سائيڪل ۾ زوردار ٽڪر موٽر سائيڪل سوار هڪ ڇوڪرو زخمي تعلقہ سامارو اسپتال ۾ زيري علاج هيٺ خبر موجب : چيمافارم اسٽاپ لڳ نائين واٽر تي موٽر سائيڪل ۽ ڪار ۾ زوردار ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ چيمافارم جي ڳوٺ مشتاق پرڳڙي/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

درگاهه شاهه نوراني زيارت تي ويندي ٽرڪ ڪلٽي ٽيڻ ڪري زخمي ٿيلن مان وڏيڪ هڪ زخمي فوت، اڻڪ 19 ٿي ويو

شهيد بينظير پٽو ٽراما اسپتال ڪراچي ۾ انتهائي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ داخل رفيق جوڪيو زخمن جا تاب نہ سهندي فوت ٿي ويو

مڙهہ قاسر جوڪيو ۾ پهچڻ تي ڳوٺ ۾ ڪهرام جنازي ۾ سياسي، سماجي اڳواڻن، شهرين، صحافين ۽ ڳوٺاڻن وڏي اڻڪ ۾ شرڪت ڪئي

غلام محمد سوهوجي فرزندن ڪليم الله جان، احمد جان، مولوي يامين جماري، ارباب ڪمن سمون ۽ ٻين پهچي وارثن سان تعزيت جو اظهار ڪيو

ٺٽو(رپورٽر) عيد ڏيهاڙي تي درگاهه شاهه نوراني زيارت تي ويندي ٽرڪ ڪلٽي ٽيڻ ڪري پيش آيل خوفناڪ حادثي ۾ هڪ وڏيڪ زخمي فوت. فوتين جو اڻڪ وڏي 19 ٿي ويو. شهيد بينظير پٽو ٽراما اسپتال ڪراچي ۾ انتهائي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ داخل رفيق جوڪيو زخمن جا تاب نہ سهندي فوت ٿي ويو. جنهن جو مڙهہ مڪلي لڳ ڳوٺ قاسر جوڪيو ۾ پهچڻ تي ڳوٺ ۾ ڪهرام مچي/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

خدمت اول ترجيح آهي، غير سياسي بنياد تي رڪارڊ ترقياتي ڪم ڪرايا آهن: ممتاز چانڊيو

اسان سياست کي عبادت سمجهون ٿا ،پنهنجي حلقي ۾ عوام جي بي لوث خدمت ڪئي آهي

صدر محمد اياز مري ، سماج سڌارڪ عبدالوهاب عباسي ، نالياورو سينئر صحافي ۽ ٻيا شريڪ ٿيا

رسول بخش پٽي ، عبدالواحد عباسي ،غلام فاروق عباسي ، لالا انور علي پناڻ ،غلام سرور باغائي شريڪ

نوشهروفيروز(رپورٽر: منظور ملڪ) عوام جي بي لوث خدمت اول ترجيح آهي ،غير سياسي بنياد تي رڪارڊ ترقياتي ڪم ڪرايا آهن . ممتاز علي چانڊيو ـ ايم پي اي. خبر موجب پريس ڪلب مڃاڻي (رجسٽرڊ) جي سال 2024 جي چونڊيل ٻاڊيءَ جي حلف برداريءَ واري تقريب ايليمينٽري ڪاليج مڃاڻيءَ ۾ ٿي گذري . تقريب کي خطاب ڪندي تڪ جي ايم پي اي ممتاز / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

نوشهروفيروز: پريس ڪلب مڃاڻي جي نئين چونڊيل ٻاڊي جو گروپ فوٽو

شريف شخصيت آهيان غلط پروپيگنڊا ڪري ساڪ کي نقصان رسيو ويو آهي: نبي بخش مري

سانگهڙ (رپورٽر) سانگهڙ حاجي نبي بخش مري طرفان پاڪستان پريس ڪلب سانگهڙ پهچي پريس ڪانفرنس ڪندي پوليس جمعدار محمد بچل مري جي من گهڙت الزامن جي تردید ڪئي ۽ چيو تہ آئون هڪ شريف معتبر شخصيت آهيان مون خلاف غلط پروپيگنڊا ڪري منهنجي ساڳ کي نقصان رسيو آهي هو جئين سوشل/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

ايس ايس پي ٺٽو جي سخت حڪمن ڪانپوءِ منشيات فروشن خلاف ڪارروايون تيزي سان جاري

پوليس پاران منشيات فروشن ۽ مختلف ڏوهن ۾ ملوث ڏوهارين خلاف ڪارروايون تيزي سان جاري

سر نالي لنڪ روڊ چتوچنڊ وٽ پوليس ۽ جوابدارن وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٽ ۾ ڏوهاري زخمي حالت ۾ گرفتار

ٺٽو(رپورٽر: جاويد لطيف ميمڻ) ايس ايس پي ٺٽو ڊاڪٽر محمد عمران خان جي سخت حڪمن کانپوءِ ٺٽو پوليس پاران منشيات فروشن ۽ مختلف ڏوهن ۾ ملوث ڏوهارين خلاف ڪارروايون تيزي سان جاري آهي سلسلي ۾ گذريل/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ٺٽو: مبينا پوليس مقابلي ۾ زخمي ٿيل جوابدار اسپتال ۾ داخل آهي

دادو ڪان سڪر ويندڙ مسافر ڪوچ ۾ سفر دوران مسافر فوت ٿي ويو، گهر ۾ ڪهرام

خير محمد ڪانڪو ولد رحيم علي جيڪو دادو ڪان سڪر ويندڙ ڪوچ ۾ سفر ڪري رهيو هو

سڃاڻپ ڪارڊ ڪڍي ان جي مدد سان دڪاندارن ۽ ڊرائيورن فوتي جي وارثن سان رابطو ڪري اطلاع ڏنو

سڪر(بيورو رپورٽ) دادو ڪان سڪر ويندڙ مسافر ڪوچ ۾ سفر دوران مسافر فوت ٿي ويو. وارثن جي پهچڻ تي لاش حوالي. تفصيل موجب دادو جو رهواسي خير محمد ڪانڪو ولد رحيم علي جيڪو دادو ڪان سڪر ويندڙ ڪوچ ۾ سفر ڪري رهيو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

ڪنب لڳ ڳوٺ حاجي محمد لائق راڄپر جي رهواسن پاران احتجاجي مظاهرو

عذرا راڄپر پنهنجي مڙس ياسين منگي جي ظلمن ظلمن خلاف احتجاج ڪيو

ياسين منگي سان شادي ڪئي جيڪو مون مٿان ظلمن جا پهاڙ ڪيرائي رهيو آهي: عذرا راڄپر

ڪنب (رپورٽر) ڪنب لڳ ڳوٺ حاجي محمد لائق راڄپر جي رهواسڻ عذرا راڄپر پنهنجي مڙس ياسين منگي جي ظلمن ظلمن خلاف احتجاج /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

بلڙي شاهه ڪريم ۾ ڪاتيار ۽ نوحاڻي برادرين ۾ الڳ الڳ جهيڙا، 2 جڻا زخمي

جهيڙي جي نتيجي دوران نوجوان حاجي ڪاتيار ڪپاڙين لڳڻ جي ڪري سخت زخمي ٿي پيو

نوحاڻين ۾ جهيڙي سبب لڻين ڪپاڙين لڳڻ جي ڪري نوجوان لقمان نوحاڻي سخت زخمي ٿي پيو

تنڊو محمد خان (ڊر مظفر علي بروهي) بلڙي شاهه ڪريم ۾ ڪاتيار ، نوحاڻي برادرين ۾ الڳ الڳ جهيڙا ، 2 جڻا زخمي ، بلڙي شاهه ڪريم جي ڳوٺ عبدالرحيم ڪاتيار ۾ زمين جي تڪرار تان ڪاتيار برادرين جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙي جي نتيجي/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ڏاڙو لڳ مدي خارج قلفيون ڪاٽڻ سبب 15 ٻارن جي حالت خراب، اسپتال منتقل

ڏاڙو لڳ ڳوٺ ڪانڊيرو خاصخيلي ۽ ڳوٺ لاکو ميربحر ۾ قلفيون ڪاٽڻ جي حالت خراب ٿي

قلفيون ڪاٽڻ سبب نورجهان، شير بانو، نثار، نور بانو، الطاف، آچار، نور النساء سميت ٻيا متاثر

ڏاڙو (رپورٽر: شوڪت ميمڻ) ڏاڙو لڳ قلفيون ڪاٽڻ سبب 15 ٻارن جي حالت خراب. اسپتال منتقل. ڏاڙو جي سرڪاري اسپتال ۾ سهولتون نہ هئڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ڏاڙو: مدي خارج قلفيون ڪاٽڻ سبب بيهوش ٿي ريل پاڙن جو ڏيک

سڪر ۾ ايس ايس پي جي هدايت تي سماجي براين ۾ ملوث ماڻهن خلاف ڪارروايون جاري

عابد علي بلوچ جي هدايتن تي پوليس پاران سماجي براين ۾ ملوث ماڻهن خلاف ڪارروايون جاري

108 بوتلون شراب هٿ ڪري هڪ منشيات فروش اختر شاهه کي گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪيو ويو

سڪر (بيورو رپورٽ) ايس ايس پي سڪر عابد علي بلوچ جي هدايت تي ايس ايس پي سڪر عابد علي بلوچ جي هدايتن تي سڪر پوليس پاران سماجي براين ۾ ملوث ماڻهن خلاف ڪارروايون جاري آهن پريس ترجمان محمد بخش/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

سڪر: پوليس پاران گرفتار ڪيل جوابدار ۽ هٿ ڪيل شراب جي بوتلن جو ڏيک

سامارو ۽ پرپاسي جي علائقن بودرفارم ، چيمافارم ، سامارو روڊ، راهو آباد ۾ برسات جاري

حنيفا آباد ڊينگاڻ رستو ، لياقت رستي ۽ ٻن شهرن ۾ وقفي وقفي سان برسات جاري رهي

آبپاشي عملي پاران پاڻي جي ڪوٽ جو جواز جاڻائي وارا بندي ڪري پاڻي ڪري ڇڏيو آهي

سامارو (رپورٽر) سامارو ۽ پرپاسي جي علائقن بودرفارم ، چيمافارم ، سامارو روڊ ، راهوآباد ، صالح پنيرو ، حنيفا آباد ڊينگاڻ رستو ، لياقت رستي ۽ ٻن شهرن ۾ وقفي وقفي سان ڪڻي تيز ۽ ڪڻي هلڪي تڙ برسات جو سلسلو جاري جنهن/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

سڪر پريس ڪلب اڳيان علي اصغر منگريو اغوا ٿيل جي بازيابي لاءِ احتجاجي مظاهرو

علي اصغر منگريو کي 2015 ۾ جوابدارن سڪر جي ايوب گيٽ وٽان اغوا ڪيو :اڳواڻ

جوابدارن جا نمبر ٽريس ڪري ڏنا آهن پر هن وقت تائين علي اصغر انهن جي قيد ۾ آهي

سڪر(بيورو رپورٽ) سڪر پريس ڪلب اڳيان معصوم علي اصغر منگريو اغوا ٿيل جي بازيابي لاءِ 194 هين ڏينهن لڳاتار رات ڏينهن احتجاج جاري آهي. مغوي علي اصغر منگريو کي 2015 ۾ جوابدارن سڪر جي ايوب گيٽ وٽان/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

سڪر: اغوا ٿيل ويل علي اصغر منگريو جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

سامارو ۾ هندو برادري جي روحاني مهاسنت جو ميلو ملهايو ويو، زائرين پاران شرڪت

يوگيشور ڏاڏي شوگر سوامي جو 253 هون ساليانو ميلو شهر جي قديمي مڙهي ۾ ملهايو ويو

ميلي ۾ گيتا جو پاٺ صاحب دوپ صاحب ست سنگ سميت ٻيون ڌارمڪ رسمون ادا ڪيو ويو

عمرڪوٽ (رپورٽر) سامارو ۾ هندو برادري جي روحاني مهاسنت جو ميلو ملهايو سنڌ جي مختلف هنڌن آيل ياترين جي پوجا پاٺ سٽ سنگ ڏوڻي صاحب جي ريلي ڪڍي جهمريون هٿي خوشي جو اظهار ڪيو سامارو شهر ۾ پرچ مالهي/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

سنجهورو تعلقي جي ڳوٺ الهڄڙيو تالپر جا رهواسي ڄاڃين سان حادثو، ماءُ ۽ ڌي فوت

ڳوٺ الهه بخش تالپر مان شادي ڪرڻ لاءِ ڄاڃين سميت ٽريڪٽر ٽرالي تي وڃي رهيو هو

حادثي ۾ پرائي زال امداد تالپر ۽ سندس ٻن سالن جي هنج ۾ ويٺل ڌي لال خاتون فوت ٿي ويون

سنجهورو (رپورٽر) سنجهورو تعلقي جي ڳوٺ الهڄڙيو تالپر جا رهواسي ڄاڃين سان حادثو ماءُ ڌي فوت لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو خبر موجب سنجهورو لڳ ڳوٺ الهڄڙيو تالپر جي رهواسي ڳوٺ محمد نواز تالپر شاهپور چاڪر/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

شڪارپور مان ذوالفقار علي پٽوجي 45 هين ورسي ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ قافلو روانو

امتياز شيخ جي اڳوڻي ۾ پي ايس ست جي چڱن مڙسن، پارٽي ڪارڪنن جي شرڪت

لکي ڪامران خان مهر، پي پي پي ستي جنرل سيڪريٽري اي ڪي لاشاري ۽ ٻيا شريڪ ٿيا

محمد نواز بروهي ۽ علي دوست جهلڻ، عبدالقادر بروهي لانگو، اقبال احمد ٿهيم ۽ ٻيا شريڪ

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) شهيد ذوالفقار علي پٽوجي 45 هين ورسي ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ پيپلز پارٽي اڳواڻ ۽ ميمبر سنڌ اسمبلي امتياز احمد شيخ ۽ پيپلز پارٽي اڳواڻ فراز امتياز شيخ جي اڳوڻي ۾ پي ايس ست جي چڱن مڙسن، پارٽي ڪارڪنن، همدردن ، دوستن ۽ عوام سان گڏجي جنهن ۾ پيپلز پارٽي تعلقي صدر لکي ڪامران خان مهر، پي پي پي سنڌ جنرل سيڪريٽري/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

جهڏو ۾ پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ عوامي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ پاران احتجاجي مظاهرو

سارنگ سنڌي ايڊووڪيٽ ممتاز ڪوسو جي اڳواڻي ۾ عوامي نگرپاڙي ڪان ريلي ڪڍي گشت ڪيو ويو

ڏاڙيلن کان آزاد ڪرايو سنڌ مان ڪرپشن ختم ڪريو شهرن مان منشيات جو خاتمو آٿيو ۽ ٻيا نعرا لڳل هئا

ڪروڙين رپيا منتلي گهرو وزير معرفت بااثر سياسي پارٽي کي پهچائين ٿا عوام عذابن ۾ مبتلا آهي: ميڊيا سان ڳالهيون

جهڏو(رپورٽر: ممتاز جوڻيجو) سنڌ جي معصوم نيائي پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ جهڏو ۾ عوامي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ اياز ڪوسو ايڊووڪيٽ اياز ڪلوئي، سارنگ سنڌي ايڊووڪيٽ ممتاز ڪوسو جي اڳواڻي ۾ عوامي نگر پاڙي ڪان ريلي ڪڍي ٽائون ڪميٽي جهڏو اڳيان ڏرٿو هنيو ويو. ريلي ۾ شامل ماڻهن جي هٿن ۾ بئنر ۽ پلي ڪارڊ هئا جن تي پريا ڪماري کي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

ملڪ جي معيار کي بلند رکڻ ۾ ذوالفقار علي پٽو جو وڏو ڪردار آهي: زبير احمد جوڻيجو

خيرپورناٿن شاهه(رپورٽر) شهيد ذوالفقار علي پٽو عوامي ليڊر هو پاڪستان کي ايٽمي صلاحيتن سان سرشار ڪرڻ شهيد پٽو جي دانشمندي هئي. پ پ پ ايم پي اي زبيراحمد جوڻيجو. خبرموجب: شهيد ذوالفقار علي پٽو جي ورسي جي سلسلي ۾ خانپورجوڻيجو کان سوين گاڏين جي قافلي ۾ پ پ پ ايم پي اي زبيراحمد/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

جهڏو: عوامي تحريڪ پاران پريا ڪماري جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

دڙو ۾ پٽائي آرٽس ڪائونسل ۽ ڊاڪٽر رجب ميمڻ ميموريل ڪميٽي طرفان ليڪچر پروگرام

جدت پچائڻ ۽ نيوٽرل ليبل عالمي نظام جي تناضر جي عنوان هيٺ ليڪچر پروگرام منعقد ڪيو ويو

بيچيني زندگي جي علامت آهي ڪو به ماڻهو زندگي ۽ سماج مان مطمئن ناهي: علي محمد پرويز/ نور محمد

تقريب ۾ مختيار ميمڻ، غياث ميمڻ، نور محمد ڪيبر، وفا ميمڻ، اشفاق سومرو ۽ ٻين شرڪت ڪئي ۽ خطاب پڻ ڪيو

دڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) دڙو ۾ پٽائي آرٽس ڪائونسل ۽ ڊاڪٽر رجب ميمڻ ميموريل ڪميٽي طرفان سنڌي سماج جو انتشار، جدت پچائڻ ۽ نيوٽرل ليبل عالمي نظام جي تناضر جي عنوان هيٺ ليڪچر پروگرام، ناليواري اديب ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

مارڪيٽ ڪميٽي گهوٽڪي ۾ روزانہ لڪين روپين ڪرپشن هجڻ جو انڪشاف

گهوٽڪي(رپورٽر) گهوٽڪي: مارڪيٽ ڪميٽي گهوٽڪي ۾ روزانہ لڪين روپين ڪرپشن هجڻ جو انڪشاف. مارڪيٽ ڪميٽي جو چيئرمين غلام حيدر سنگهڙ لاپتا. سچو ڪاروٽهوار پٽيوالو اڪرام عباسي هلائڻ لڳو. اڪرام عباسي پٽيوالو هوندي گهوٽڪي جي مختلف فلور، رائيس ۽ آئل ملز تان روزانو جي بنياد تي/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

دڙو: پٽائي آرٽس ڪائونسل ۽ ڊاڪٽر رجب ميمڻ ميموريل پاران جامي چانڊيو سان رهاڻ رچائي پئي وڃي

سڪرنڊ لڳ قومي شاهراهه تي ٻن الڳ الڳ حادثن ۾ عورتن ۽ ٻارن سميت 38 جڻا زخمي

ڪراچي جي مڪراني برادري سان تعلق رکندڙ سوزڪي سوار سيوهڻ شريف وڃي رهيا هئا

قومي شاهراهه تي برسات سبب ڪلٽي ٿي پئي جنهن سبب لڳ پڳ 26 مسافر زخمي ٿي پيا

سڪرنڊ (رپورٽر راج ڪمار اوڊ) سڪرنڊ لڳ قومي شاهراهه تي ٻن الڳ الڳ حادثن ۾ عورتن ۽ ٻارن سميت 38 جڻا زخمي پيا پهريون واقعو سڪرنڊ لڳ قومي شاهراهه تي پيش آيو جتي ڪراچي جي مڪراني برادري سان تعلق رکندڙ سوزڪي سوار سيوهڻ شريف قلندر شهباز جي درگاهه تي حاضري پري واپس ڪراچي وڃي رهي هئي تہ سڪرنڊ قومي شاهراهه تي سوزڪي جو تائر/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

تنڊو محمد خان ۾ پرهياڙ برادري جي ٻن ڌرين پاران ٻارن جي جهيڙي تان هڪبئي تي حملا، 13 زخمي

ٻارن جي جهيڙي تان هڪبئي تي حملا، لڻين لوهي سيخن جي استعمال تي 4 ٻار، 3 عورتون 6 مرد زخمي ٿيا

صادق ، حيدر، شمشو، رضوان ، شيرخان ، راڻو، ضميرالدين ، مسمات شانو، مسمات آسيہ ۽ ٻيا زخمي ٿي پيا

جهيڙي جي زخمين کي تنڊو محمد خان جي سرڪاري اسپتال داخل ڪرڻ کانپوءِ ٽن زخمين کي حيدرآباد اسپتال نيو ويو

تنڊو محمد خان (ڊر مظفر علي بروهي) تنڊو محمد خان ۾ پرهياڙ برادري جي عورتن مردن جو ٻارن جي جهيڙي تان هڪبئي تي قاتلاڻ حملا . لڻين لوهي سيخن جي استعمال تي 4 ٻار ، 3 عورتون 6 مرد زخمي اسپتال داخل . خبر موجب تنڊو محمد خان جي شهري علاقي قليلي روڊ تي رهندڙ پورهيت خاندان سان تعلق رکندڙ پرهياڙ برادري جي ٻن ڌرين ۾ ٻارن جي راند تان جهيڙي سبب/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

سڪرنڊ ۾ جيئي سنڌ محاذ جي سڌ تي مرڪزي چيئرمين رياض حسين چانڊيو ۽ نواز شاهه پاڏائي پاران ريلي

رياض حسين چانڊيو ۽ نواز شاهه پاڏائي جي اڳواڻيءَ ۾ چئن مطالبن جي مجتا لاءِ قومي شاهراهه تي مظاهرو ڪيو ويو

سوين گاڏيون بيهجي ويون، ڏرٿي ۾ جسم ڪارڪنن ڪانسواءِ مختلف مڪتب فڪر جي ماڻهن پڻ شرڪت ڪئي

حڪمرانن جي غلط پاليسين سبب غربت ، بي حسي ، بي روزگاري ۽ بدحالي واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهن: اڳواڻ

سڪرنڊ (رپورٽ راج ڪمار اوڊ) جيئي سنڌ محاذ جي سڌ تي مرڪزي چيئرمين رياض حسين چانڊيو ۽ نواز شاهه پاڏائي جي اڳواڻيءَ ۾ چئن مطالبن جي مجتا لاءِ قومي شاهراهه تي بينڪٽيئر انٽر چينج وٽ ڏرٿو هڻي روڊ بلاڪ ڪيو ويو جنهن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

ڏاڀيجي جي سماجي اڳواڻ حسنا قريشي پاران عيد جي موقعي تي 100 گهرن ۾ راشن تقسيم

ٺٽو(رپورٽر) ڏاڀيجي سوشل سماجي اڳواڻ حسنا قريشي عيد ملهه ڏاڀيجي هرجنا سالٽ جي ڳوٺ بجو ڪولهي پهتي جتي حسنا قريشي 100 گهرن ۾ راشن تقسيم ڪيو ۽ ڳوٺ جي غريب مستحق گهرانن ۾ ڪيش رقم پڻ تقسيم ڪئي ڏاڀيجي سوشل سماجي اڳواڻ حسنا قريشي ڏاڀيجي جي قديم هرجنا سالٽ جي ڳوٺ بجو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

سڪرنڊ: جسم چيئرمين رياض چانڊيو جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو پيو وڃي

بدين ۾ حلال احمر جي اڪائونٽنٽ پاران نينگر سان بدفعلي ڪرڻ جي ڪوشش، معاملي کي دٻائڻ جي ڪوشش

حلال احمر بدين جي اڪائونٽنٽ آصف ميمڻ کي نينگر سان بدفعلي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي پاڙي وارن جهلي ورتو

جوابدار پٽ کي خليل اسماعيل کي موٽر سائيڪل تي ويهاري سول اسپتال روڊ تي سنسان جڳهہ ۾ ڪٽي ويا: اسماعيل ميمڻ

رجسٽرار ۽ عطائي صحافي تپيدار اسماعيل ميمڻ تي معاملو رفع دفع ڪرڻ ۽ ناه ڪرڻ لاءِ دٻاءِ وجهي رهيا آهن، گرفتاري ظاهر نہ ٿي

بدين(رپورٽ مرتضي ميمڻ) سنڌ حلال احمر بدين جو اڪائونٽنٽ کي نينگر سان بدفعلي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندي پاڙي وارن جهلي ورتو ۽ پوليس حوالي ڪري ڇڏيو بدين پوليس ايف آئي آر ڪٽڻ باوجود جوابدار جي گرفتاري ظاهر نہ ڪئي پڻ پئرائتي خبر موجب تہ بدين جي ناليواري تپيدار محمد اسماعيل ميمڻ بدبن ٽائي تي ڪيس داخل ڪرايو آهي جنهن ۾ هن جاٽايو آهي تہ/ بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

سومر 15 اپريل 2024ع

دهشتگردي کيئن؟ ويران ويرو وڏا!

بلوچستان جي ضلعي نوشڪي جي علائقي ۾ قومي شاهراهه تي نامعلوم ماڻهن ٻن واقعن ۾ 9 مسافرن سميت 11 ماڻهن کي قتل ڪري ڇڏيو. جن جو تعلق ملڪ جي هڪ صوبي سان آهي. هٿياربندن هڪ بس کي روڪيو ۽ شناختي ڪارڊ چيڪ ڪرڻ کان پوءِ ان ۾ سوار 9 مسافرن کي لاهي اغوا ڪرڻ بعد فرار ٿي ويا. جنهن بعد ڪجهه مفاصلي تي هڪ پل جي هيٺان اغوا ٿيل 9 مسافرن جا لاش مليا. جن کي گوليون هڻي قتل ڪيو ويو. جڏهن ته دهشتگرديءَ جي هڪ ٻئي واقعي ۾ تقريبن هڪ درجن جي لڳ ڀڳ نامعلوم ماڻهن قومي شاهراهه کي بند ڪري نه ٻيهڻ تي هڪ ڪار تي فائرنگ ڪئي. فائرنگ جي نتيجي ۾ ٽائر برسٽ ٿيڻ جي نتيجي ۾ گاڏي ڪلٽي ٿي پئي ۽ ان سوار به جٽا فوت ٿي ويا.

توڙي جو منتظمين جي هر پيري اها دعوا ٻڌڻ ۾ ايندي آهي ته دهشتگردن جي چيلهه توڙي وئي آهي. پر وري دهشتگرديءَ جو ڪو وڏو واقعو منتظمين جي انهن بيانن تان چٽر ڪندي وقوع پذير ٿي وڃي ٿو ۽ وري حڪمرانن جي انهن بيانن جي ڪئسيٽ هلي ٿي ته دهشتگردن کي چيپائيو ويندو. ٻن صوبن ۾ دهشتگرديءَ جون وارداتون جاري آهي ۽ توڙي جو اتي فورسز به ايڪشن ۾ آهن پر دهشتگرديءَ جو نيٽ ورڪ ايترو ته منظم ۽ مضبوط آهي. جو اسان ان جي اڳيان بيبس آهيون. ايتري قدر جو اسان جي فورسز جي جوانن جي حياتين کي به نقصان پيو پهچي. ملڪي وسيلا عوام جي ترقيءَ جي بدران ان جنگ تي خرچ ٿي رهيا آهن. جيڪا اسان تي مڙهي وئي مڙهي وئي آهي. اسان جو گهيرو تنگ ڪيو ويو آهي ۽ اهي ٿي عناصر استعمال ٿي رهيا آهن. جن جي اسان جي رياست غلط پاليسين سبب ڪفالت ڪئي. پيو ته ان ڳالهه کان انڪار نٿو ڪري سگهجي ته هي خطو عالمي قوتن جي مفادن جي جنگ جو ميدان بڻيل آهي. جنهن لاءِ به ڪنهن حد تائين اسان جون ماضيءَ جو پرڏيهي پاليسيون ذميوار آهن.

اسان اڳ به هنن ٿي ڪالمن ۾ اهو چوندا رهيا آهيون ته. اسان ماضيءَ جي غلط پاليسين جا نتيجا پيا پوڳيون. ماضيءَ ۾ عالمي طاقتن جي مفادن جي جنگ وڙهندي اسان جي پنهنجي سرزمين ان جنگ جو ميدان بڻجي وئي ۽ جنهن جنگ جا نتيجا هي ملڪ اڄا تائين پوڳيندو پيو اچي. وڏيڪ ڪسر گذريل حڪومت پوري ڪري ڇڏي. جنهن "وار لاڊز" ۽ ويڙهاڪن کي الهندي سرحد تان ڪي پي ۽ قبائلي علائقن ۾ اچڻ جي "راهداري" ڏئي ڇڏي ۽ پوءِ سيني ڏنو ته انهن اتي ڪهڙي حالت ڪئي. هن وقت به ملڪ ۾ دهشتگردن جون نرسريون آهن. جتان دهشتگرديءَ جي رٿابنديءَ ۽ تڪميل ٿيندي رهي ٿي. منظر رٿابنديءَ سان سيڪيورٽي فورسز تي حملا ٿي رهيا آهن. اسان کي پنهنجي ملڪ اندر ٿي جنگ ۾ مصروف ڪيو ويو آهي. اهي وسيلا. جيڪي ملڪي ترقي ۽ عوام جي خوشحاليءَ تي خرچ ٿيڻ گهرجن. اهي ان ويڙهه تي خرچ ٿي رهيا آهن. مڃيون ٿا ته. هي خطو عالمي قوتن جي مفادن جي جنگ جو ميدان هجڻ ڪري ٻاهريون هٿ به ان دهشتگرديءَ ۾ ملوث هجڻ کي رد نٿو ڪري سگهجي. پرڇا اسان ملڪي وسيلا اهڙي قسم جي جنگين تي خرچ ڪندا رهنداسين؟ چو نٿي ملڪ جي پرڏيهي پاليسيءَ تي نظرثاني ڪئي وڃي ۽ ماضيءَ جي ترجيحن جو طوق لاهي ڦٽو ڪيو وڃي. هن وقت ڪو به دهشتگرد گروهه اڪيلو ڪارروايون نٿو ڪري. اهو مربوط رابطه ڪاريءَ جي وسيلي ڪنهن نه ڪنهن عالمي نيٽ ورڪ سان سلهاڙجي چڪو آهي. ان ڪري ڪنهن به واقعي کي محض مقامي تناظر ۾ ڏسڻ به درست نه آهي.

جيتريقدر بلوچستان جو معاملو آهي. ان جي تعلق جي تند هن جاگرافيائي سٽاءَ سان ڏينهون ڏينهن ڪمزور ٿيندي وڃي. بلوچستان معاملي جو سياسي حل ڪڍڻ جي ضرورت آهي. بلوچ سياسي قيادت سان ڳالهيون ڪرڻ گهرجن. جڏهن طالبان سان ڳالهيون ٿي سگهن ٿيو ته بلوچن سان چو نه؟ جڏهن ماهه رنگ بلوچ احتجاج ڪندي هن ملڪ جي گاديءَ واري شهر ۾ اختيار ڏنڻ وٽ دانهن ڪئي آئي هُئي ته اُن کي نه ٻڌو ويو. ان وقت ٿي سرچاءُ جي ڪوشش ٿيڻ گهرجي ها. اها ويڙهه ته نه پر سياسي ڪوشش هئي. بلوچستان جي حقيقت کي سمجهڻ جي ضرورت آهي. چو ته هيا به ايڪٽرز آهن. عالمي قوتون آهن. جيڪي پنهنجي مفادن لاءِ جهيڙي رهيون آهن ۽ اهي هڪ افراتفري ۽ صوبي ۾ شورش برپا رکڻ چاهين ٿيون. جيڪي مقامي عناصر کي استعمال ڪري رهيون آهن. صوبن جي وچ ۾ نفرت پيدا ڪري هن وفاق کي ڪمزور ڪرڻ چاهين ٿيون. ان رُخ کي پڻ ذهن ۾ رکڻ گهرجي.

اسان بلوچستان جي نوشڪي ۾ ٿيل دهشتگردي واري واقعي جي مذمت ڪندي اها گهرٿا ڪريون ته. رياست پنهنجا سمورا ممڪن وسيلا استعمال ڪري عوام جي تحفظ واري پنهنجي ذميواري پوري ڪري ۽ دهشتگرديءَ خلاف اثرائتا قدم ڪڍي. معاملا ۽ اختيار سياسي قيادت کي ڏيڻ گهرجن. ماضيءَ جي رياستي پاليسين تي نظرثاني ڪئي وڃي. انهن کي پنهنجي ملڪي مفادن جي تناظر ۾ جوڙيو وڃي.

پارت ۽ پاڪستان جي معاشي حالتن ۾ واضح فرق!

سڪندر چنو

پارت معاشي طور پاڪستان کان تمام گهڻو اڳتي نڪري چڪو آهي. هن وقت پارت وٽ 647 ارب ڊالرن جا خزاني ۾ ڏوڪڙ پيل آهن ۽ پاڪستان جي خزاني ۾ صرف 16 ارب ڊالر جيڪي پارت جي مقابلي ۾ ڪجهه به نه آهن. پارت ڏينهون معاشي ترقيءَ جون منزلون طئي ڪري رهيو آهي. پر پاڪستان سڀ ڪجهه ان جي ابتڙ ڪري رهيو آهي ۽ پاڪستان ۾ ڏينهون ڏينهن معاشي حالتون خراب ٿينديون پيون وڃن. سعودي عرب پاڪستان جي گداگر حڪمرانن مان بيزار ته آهي ئي پر سعودي عرب پاڪستان مان ايندڙ گداگرن کان بيزار ٿيندي انهن کي گرفتار ڪرائي پاڪستان واپس موڪلي رهيو آهي ۽ انهن گداگرن جي ڪري سعودي عرب پاڪستان لاءِ عمري جي ويزا به بند ڪرڻ تي غور ڪري رهيو آهي.

پارت اڌائي گرين انرجي 538 ڪلوميٽرن گجرات جي علائقي ۾ ڪچ جي ڪاوڙا ۾ هڪ بنجر زمين ۾ GW 30 پاور پلانٽ لڳائي رهيو آهي هي دنيا جو وڏي ۾ وڏو بجلي پيدا ڪندڙ پاور پلانٽ آهي. پارت بجلي پيدا ڪرڻ لاءِ ڏينهن رات ڪم ڪري رهيو آهي. ته جيئن ملڪ ۾ وڏ ۾ وڏ انڊسٽريون لڳي سگهن انڊسٽريون يا ڪارخانا لڳائي ملڪ کي معاشي طور اڳيرو ڪري سگهجي. پارت پاڪستان کان گهڻو اڳتي نڪري رهيو آهي ۽ تيزيءَ سان نڪري رهيو آ. پاڪستان جي بجلي ۾ ڏينهون ڏينهن خوار ٿي رهيو آهي. پاڪستان بجلي جا ڪارخانا هلائڻ بدران انهن کي بند ڪري رهيو آهي. لاڪڙا پاور هائوس ۽ سڪر ٽرمل پاور جيڪو ڪينيڊا طرفان پاڪستان کي انمول تحفو ڏنو ويو ان کي بند ڪيو ويو آهي. جيڪڏهن لاڪڙا پاور هائوس ۽ سڪر ٽرمل پاور اسٽيٽ کي پيهر هلايو وڃي ته پاڪستان بجلي جي شعبي ۾ گهڻو اڳتي نڪري ويندو خيرائين به آهي ته سنڌ ۾ بجلي جو بحران هٽ سان پيدا ڪيو ويو آهي.

سنڌ حڪومت سنڌ جي ڳوٺن کي سولر تي آڻيندي. اهو منصوبو به ڪو ڪامياب ڪونه ٿيندو. چاڪاڻ ته برساتن ۾ سولر بجلي ڪونه ڏيندا ان ڪري سولر کان وڌيڪ بجلي طاقتور ۽ فائديمند رهندي. لاڪڙا پاور هائوس 1995 ۾ قائم ڪيو ويو. ۽ 50 ميگا واٽ بجلي ڏيندو رهيو صرف 3 يونٽن تي مشتمل هيو. هڪ سازش تحت ان کي بند ڪيو ويو آهي. لاڪڙا پاور هائوس ۾ 150 ميگا واٽ بجلي پيدا ڪرڻ جي صلاحيت آهي. لاڪڙا پاور هائوس ڪوئلي تي هلندڙ سنڌ ۾ پهريون بجلي گهر آهي لاڪڙا پاور هائوس پرسان تقريبن 1300 ملين ٽن ڪوئلي جا ذخيرا آهن. 1985ع ۾ واپڊا هن پلانٽ کي تيار ڪرايو. چين جي ڪمپني ڊونگ فانگ الڪٽرڪ ڪارپوريشن هن کي تيار ڪرايو هي پاور پلانٽ 462 ايڪڙن تي مشتمل آهي. 277 ايڪڙ ايراضي پاور پلانٽ کي ۽ 114 ايڪڙ آفيسرن ۽ ملازمن جي رهائش لاءِ ڏني وئي. واپڊا هڪ سازش تحت هن پلانٽ کي بند ڪرڻ لاءِ ۽ آهستہ آهستہ پلانٽ ڏانهن ڏيان ڏيڻ ڇڏي ڏنو. اسٽيبلشمينٽ کي اها حقيقت قبول ڪرڻي پوندي ته ملڪ جي معاشي حالتن جو دارومدار سياسي فيصلن تي هوندو آهي. ملڪ جي موجوده معاشي بحران کي سياسي سوچ سان ئي حل ڪري سگهجي ٿو فوجي طاقت جو مطلب معاشي حالتون ٺيڪ ڪرڻ نه آهي.

اسان پاڪستان جي قيام کان وٺي اڄ تائين سڀ ڪم هڪ طاقت ذريعي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا رهيا آهيون ۽ اها آهي اسٽيبلشمينٽ جي طاقت. اسان اهو سمجهڻ کان قاصر رهيا آهيون ته ان طاقت کي خاص مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو ويندو آهي. پر اسان سياسي ۽ معاشي مسئلن جي حل لاءِ فوجي طاقت کي استعمال ڪرڻ تي بضد رهيا آهيون جنهن سبب پاڪستان اڄ تائين سياسي، سماجي ۽ معاشي طور تي مضبوط رياست بڻجي نه سگهيو آهي غربت، مهانگائي، بيروزگاري، سماجي انتشار ۽ بدامني پاڪستان جي رياست جي چيلهه توڙي ڇڏي آهي. پاڪستان جي سياسي قيادت ڪشڪول کڻي ڪڏهن آمريڪا، ڪڏهن وري يورپي ملڪن ۽ ڪڏهن خليجي دروازن تي خيرات جي منتظر بڻيل رهي آهي. پر ائين ناهي ته پاڪستان اڪيلو ان صورتحال کي منهن ڏئي رهيو آهي يا اهو مسئلو پاڪستان کان اڳ ڪنهن به رياست سان نه ٿيو آهي. دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن طاقت ذريعي رياست جا معاملا هلائڻ جي ڪوشش ڪئي. پر جڏهن هنن محسوس ڪيو ته هو ان قوت ذريعي ملڪ جون سياسي ۽ معاشي حالتون ٺيڪ نه ٿا ڪري سگهن. تڏهن هنن حڪومتي معاملن کي سياسي قيادت جي حوالي ڪري ڇڏيو.

1980ع واري ڏهاڪي ۾ ڏکڻ آمريڪي ملڪ پيرو ۾ جنرل فرانسسڪو جي فوجي حڪومت هئي. ان وقت پيرو جون معاشي حالتون انتهائي خراب ٿينديون ويون. معاشي عدم استحڪام ڏينهون ڏينهن وڌندو پيو وڃي. جڏهن جنرل فرانسسڪو جي طاقتور فوجي حڪومت کي احساس ٿيو ته هو ناڪام ٿي ويو. انهن مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ هن حڪومت کي سياستدانن جي حوالي ڪيو. اهڙي طرح برازيل ۾ فوجي حڪومت 1968ع کان 1973ع تائين ملڪ جي معاشي صورتحال کي بهتر بڻائڻ ۾ اثرائتو ڪردار ادا ڪيو. پر جيئن ئي تيل جو عالمي بحران شروع ٿيو ته فوجي حڪومت کي احساس ٿيو ته هو نئين معاشي بحران کي منهن ڏيڻ ۾ ناڪام وئي آهي. برازيل جي آخري حڪمران، جاو فيگيريڊو، ماضي جي غلطين تي شرمساريءَ جو اظهار ڪيو ڏکڻ آمريڪا جي هڪ ٻئي ملڪ يوراگوئي جي فوجي حڪومت ملڪ ۾ 1980ع ۾ هڪ ريفرنڊم منعقد ڪيو جڏهن عوام فوجي حڪومت جي خلاف ووٽ ڏنو ته فوج حڪومت سول نمائندن جي حوالي ڪري ڇڏي.

يونان ۾ جڏهن فوجي حڪومت محسوس ڪيو ته ملڪ 'حقيقي' جمهوريت بدران معاشي بحران جو شڪار آهي. تڏهن هنن 1974ع ۾ ملڪ کي جمهوري طاقتن جي حوالي ڪري ڇڏيو. دنيا ۾ اهڙا بيا به ڪيترائي مثال آهن. جتي اندروني انتشار، انقلاب ۽ خونريزيءَ کان سواءِ فوج ملڪ جي معاشي حالتن کي ڏسندي رضاڪارانه طور تي حڪومت عوام جي چونڊيل نمائندن جي حوالي ڪئي. فوجي اسٽيبلشمينٽ کي اها حقيقت قبول ڪرڻي پوندي ته ملڪ جي معاشي حالتن جو دارومدار سياسي فيصلن تي هوندو آهي.

ملڪ جي موجوده معاشي بحران کي سياسي سوچ سان ئي حل ڪري سگهجي ٿو چين ٻيزيءَ سان معاشي طور ترقي ڪري رهيو آهي. 2023ع ۾ چين جي ڪل پيداوار 126 ٽريلين يو آن کان به وڌي وئي. ۽ چين دنيا جي تيز ترين معاشي ترقي ڪندڙ ملڪن کان به اڳيرو ٿيندي ڏسجي ٿو. چين ۾ خوراڪ جي پيداوار رڪارڊ 695 ملين ميٽرڪ ٽنن تائين پهچي چڪي آهي. 12.44 ملين سرڪاري ملازمن ۾ اضافو ٿيو آهي ۽ بيروزگاري جي شرح 5.2 سيڪڙو تائين گهٽجي وئي آهي. چين ۾ ٽيڪسن ۽ فيسن ۾ جي مد ۾ 2.2 ٽريلين يو آن کان به وڌيڪ بچت ٿي آهي. چين پنهنجي گاڏين جي پيداوار ۽ کپت ۾ 60 سيڪڙو اضافو ٿيو آهي. چين بجلي جي شعبي ۾ پوري دنيا کان اڳيرو ٿيندي ڏسجي ٿو چاڪاڻ ته بجلي ملڪي معيشت ۾ ڪرنگهي واري حيثيت رکندڙ آهي.

پاڪستان ۾ بجلي جو بحران گهٽ ڪونه پيو ٿئي هن وقت پارت ۽ بنگلاديش پاڪستان کان بجلي جي پيداوار ۾ گهڻو اڳيرو نڪري چڪا آهن خطي جي صورتحال به تيزيءَ سان تبديل ٿيندي ڏسڻ ۾ اچي ٿي جيڪڏهن ايران ۽ اسرائيل جي وچ ۾ جنگي حالتون پيدا ٿيون ته پوءِ خطي ۾ معاشي صورتحال تي وڏا اثر پئجي سگهن ٿا ۽ اها چڪتاڻ جنگ ۾ تبديل ٿيندي ڏسجي ٿي. ان جا اثر يقين پاڪستان تي به پوندا. وزيراعظم شهباز شريف جو سعودي عرب وارو دورو انتهائي اهميت وارو آهي. اهڙين ڏکين حالتن ۾ پاڪستان جي حڪمرانن کي گهرجي ته چين ۽ سعودي عرب سان پنهنجا لاڳاپا وڌيڪ مضبوط ڪري. چاڪاڻ ته آمريڪا اسرائيل جي پاسي کان بيهڻ آهي ۽ يورپ جا ملڪ پڻ اسرائيل جي مدد ڪري سگهن ٿا. اسٽيبلشمينٽ کي گهرجي ته اها ملڪي معاشي ۽ سياسي حالتن کي نظر ۾ رکندي سياسي معاملن ۾ مداخلت بند ڪندي. جيڪڏهن ائين نه ٿيو ته پوءِ ملڪ اڳتي گهمڻ ڦرڻ کان به لاچار ٿي ويندو. پاڪستان کي گهرجي ته بجلي بحران تي قابو پائڻ لاءِ لاڪڙا پاور هائوس ۽ سڪر ٽرمل پاور هائوس کي هلايو وڃي ته جيئن ملڪ جي عوام خاص ڪري سنڌ جي عوام کي بهتر کان بهتر بجلي ملي سگهي.

ڪارپوريشن انتظاميا پاران برسات کان اڳ شهر جي مختلف اهم شاهراهن ۽ مختلف ڊيپ ايريا ميٽروپول هوٽل، وزيراعليٰ هائوس، گورنر هائوس، مسلم جيمخانه، ميري ويدهر تاور، بلاول چورنگي، جناح ايئرپورٽ، آرٽس ڪائونسل چورنگي، پي سي هوٽل، 26 اسٽريٽ جناح اسپتال، نرسري گورا قبرستان بلوچ ڪالوني، ايف ٽي سي فلائي اوور، يونيورسٽي روڊ، شاهراهه قائدين، وزير مينشن ۽ ايم اي جناح روڊ جي مختلف هنڌن تي سمورين سڪشن مشينون، ڊي واٽرنگ پمپس سميت ٻئي مشينري کي پهچائي ڪري برسات واري پاڻي جي نيڪالي کي يقيني بڻايو. ترجمان وڌيڪ چيو ته سي او او واٽر ڪارپوريشن انجنيئر اسدالله خان شهر جي مختلف علائقن جو دورو ڪري پاڻي جي نيڪالي جي ڪمن جو پاڻ جائزو ورتو. ان موقعي تي سي او او واٽر ڪارپوريشن انجنيئر اسدالله خان جو جوڙ هو ته برسات واري پاڻي جي نيڪالي مڪمل ٿيڻ تائين واٽر ڪارپوريشن جون گاڏيون ۽ عملو روڪن تي موجود رهندو. ان سلسلي ۾ واٽر ڪارپوريشن جو عملو 24 ڪلاڪ عوام جي خدمت ۾ مصروف آهي، هن چيو ته برساتي پاڻي جي نيڪال جو ڪم بنا ڪنهن وقفي جي جاري رهندو. واٽر ڪارپوريشن جو عملو سڄي رات تعينات رهندو ۽ بروقت پاڻي نيڪال ڪيو ويندو. ٻل جڏهن ته واٽر ڪارپوريشن جو عملو شفٽن ۾ مقرر آهي ۽ عملو شهرين کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ متحرڪ آهي، هن چيو ته امڪاني وڌيڪ برساتن جي دوران واٽر ڪارپوريشن ۾ ايمرجنسي لاڳو رهندي ۽ شهرين کي اپيل آهي ته برسات ۾ احتياطي اپاءِ وٺن ته جيئن ڪين ڪنهن پريشاني کي منهن ڏيڻو پوي. هن جو وڌيڪ چوڻ هو ته سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه، ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب ۽ چيف سيڪريٽري سنڌ سيد آصف حيدر شاهه جي هدايتن تي مڪمل عملدرآمد ڪندي واٽر ڪارپوريشن ڪي ايم سي سميت ٻين سمورن مڪاني ادارن سان گڏجي برساتي پاڻي جي نيڪال جو عمل هنگامي بنيادن تي مڪمل ڪري رهي آهي

بقايا ✻✻✻ 09

روڊن تي نڪري آيا. شهرين اسرائيل خلاف ۽ فلسطيني عوام جي حق ۾ نعرا هنيا. ٻئي پاسي لبناني راڄداني بيروت ۾ به اسرائيل تي حملي جي خوشي ۾ ريلي ڪڍي وئي. ياد رهي ته ايران اسرائيل تي 200 کان وڌيڪ ڊرون ۽ ڪروز ميزائل فائر ڪيا آهن.

بقايا ✻✻✻ 10

ڪري ڊرون ۽ ميزائل حملا ايران مان ٿيا جڏهن ته ڪجهه عراق، يمن ۽ شام مان فائر ڪيا ويا. ٻئي پاسي ايران جي حملي ڪانپوءِ اسرائيلي وزير هاڪ جهاز غزا مان واپس اسرائيل روانا ٿي ويا آهن. غزا جنگ ڪانپوءِ اهو پهريون موقعو آهي جو اسرائيلي جهاز غزا ۾ موجود نه آهن. دمشق ۾ ايران جي سفارتخاني تي ميزائل حملي جي جواب ۾ ايران اسرائيل تي سڌي ريت ڊرون حملا ڪيا آهن.

بقايا ✻✻✻ 11

شريف خلجي چيو آهي ته هن پيپلز پارٽي کي الوداع ڪري ڇڏيو آهي پيپلز پارٽي پٽو نه زرداري خاندان جي پارٽي بڻجي چڪي آهي. شريف خان خلجي وڌيڪ چيو ته مان مجبوري ۾ پي ٽي آءِ چڏي پيپلز پارٽي ۾ شموليت ڪئي هئي. مراعتن ۽ فنڊز جي لاءِ ڪڏهن به سياست نه ڪئي آهي ان لاءِ پيهر پاڪستان تحريڪ انصاف ۾ شموليت جو اعلان ڪريان ٿو هن چيو ته 8 فيبروري 2024ع تي اليڪشن نه پر سليڪشن ٿي، بلوچستان ۾ پيپلز پارٽي جي حڪومت هجڻ جي باوجود استعيفيٰ ڏئي رهيو آهيان. منهنجي دلي خواهش آهي ته غريبن جي مدد ڪريان. هن وڌيڪ چيو ته فارم 47 جي وزيراعظم ۽ پي ٽي آءِ باني ۾ وڏو فرق آهي. اسان سڀني کي جابرانه نظام جي خلاف آواز اٿارڻو آهي. مون کي پي ٽي آءِ ۾ شامل نه ٿيڻ لاءِ بلوچستان حڪومت فنڊز ڏيڻ جي آڇ به ڪئي.

بقايا ✻✻✻ 12

وزير سردار محمد بخش مهر جي هدايتن تي سنڌ جي زراعت ڪاتي جي سمورن آفيسرن ۽ ملازمن جون موڪلون منسوخ ڪيون ويون آهن ۽ عملي کي به الرٽ رهڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي. سيڪريٽري زراعت رفيق احمد برڙو جو پنهنجي بيان ۾ چوڻ هو ته ريپڊ ريسپانس ٽيم جو�ي جي زراعت سربراهه ۽ ريسرچ ، انجنيئرنگ ونگ ، آن فارم مينيجمينٽ ونگ جا ڊي جيز ٽيم جو حصو هوندا، زرعي ايمرجنسي ريپڊ ريسپانس يونٽ برساتن دوران هارين کي مدد ۽ آگاهي فراهم ڪندو. زراعت ڪاتي جي ترجمان وڌيڪ چوڻ هو ته زراعت ڪاتي جا فيلڊ اسسٽنٽ گهر گهر وڃي هارين کي حفاظتي اپائن بابت معلومات فراهم ڪندا. زراعت ڪاتي جا سمورا ڊويزنل ۽ ضلعي جا آفيسر پنهنجي آفيسن ۾ موجود رهن ۽ هارين جي مدد ڪن. سنڌ جا هاري ڊي جي زراعت سان هن نمبر تي 03337136623 رابطو ڪري سگهن ٿا.

بقايا ✻✻✻ 13

اسپيڪر اياز صادق سپائي شام 5 وڳي ٽيندڙ اجلاس جي صدارت ڪندو. اجلاس اپوزيشن جي ريڪوزيشن تي گهرايو ويو آهي. اجلاس ۾ اپوزيشن جي ڏنل ايجنڊا تي بحث ڪيو ويندو. اجلاس دوران ب پ اڳواڻ آصف پٽو زرداري بطور قومي اسيمبلي جي ميمبر طور حلف ڪڍندي، ٻئي طرف پارليامينٽ جو ڪڏيل اجلاس به ري شيڊول ڪيو ويو آهي. پارليماني معاملن جي ڊريعن موجب پارليامينٽ جو ڪڏيل اجلاس اڳاري 16 اپريل جي بجاءِ هاڻ 19 اپريل تي ٿيندو. صدر آصف علي زرداري پارليامينٽ جي ڪڏيل اجلاس کي خطاب ڪندو.

بقايا ✻✻✻ 14

يعقوب، فرزانه سميت 20 جٽا زخمي ٿي پيا. حادثي بعد فوتين جا لاش ۽ زخمين کي نوري آباد، ڪراچي ۽ حيدرآباد جي اسپتال ۾ منتقل ڪيو ويو.

بقايا ✻✻✻ 15

ملوڪ ماڻهن خلاف ڪارروايون جاري آهن. پريس ترجمان محمد بخش بلوچ پاران جاري ڪيل بيان موجب گذريل ڏينهن ايس ايچ او جهانگڙو ٿاڻي جي حد علي واهڻ گيٽ وٽ ناڪابندي دوران ايف ايڪس ڪار نمبر P_3319جي تلاشي دوران 108 بوتلون شراب هٿ ڪري هڪ منشيات فروش اختر شاهه کي گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪيو ويو مبارڪ ڏنيون ويون آهن. منشيات فروش روهڙي کان صالح پٽ طرف شراب سپلاءِ ڪرڻ وڃي رهيو هو.

بقايا ✻✻✻ 16

ڪي خطاب ڪندي چيو ته ڪافي ڏ ب ڪن کان پوءِ سپريم ڪورٽ اعتراف ڪيو آهي ته شهيد ذوالفقار ڀٽو جي ڪيس ۾ ناانصافي ٿي آهي، جنهن سان ثابت ٿيو ته شهيد ڀٽو جو عدالتي قتل ٿيو شهيد ڀٽو جمهوريت ۽ امت مسلمه لاءِ بلند ۽ طاقتور آواز هيو. ڀٽي جي عدالتي قتل سان قوم ۽ ڪيترن ئي نسلن جو نقصان ٿيو آهي جنهن جو ازالو نٿو ڪري سگهجي، هنن چيو ته 45 هين ورسي جي موقعي تي اج شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ جي لاءِ ڳڙهي خدا بخش ۾ مرڪزي جلسو ٿيندو. جنهن سان صدر پاڪستان آصف علي زرداري، چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري خطاب ڪندا، هنن چيو ته ايران، اسرائيل ۾ پيدا ٿيل ڪشيدگي جي حوالي سان دنيا جنگي حالت نٿي چاهي، حڪومت نٿي چاهي ته ايران ۽ اسرائيل ۾ جنگ ٿي ان ڪري جو ايران سان اسان جا سٺا لاڳاپا آهن. ايران اسان جو اسلامي طور برادر ملڪ آهي، هنن چيو ته ملڪ ۾ مسئلا گهٽا آهن انهن مسئلن جي حل لاءِ ڪوشش ڪري رهيا آهيون. ملڪ کي مهانگائيءَ ۽ دهشتگرديءَ جهڙا مسئلا پيش آهن جن جو حل ڪيندا سين. سياستدانن کي نفرتن، گار گند جهڙي سياست کي ڇڏي ملڪ جي مفادن ۽ خوشحالي ترقي جي لاءِ گڏ ويهڻ گهرجي، پيپلزپارٽي جمهوريت لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪندي رهندي.

بقايا ✻✻✻ 17

به شامل آهن. اسرائيل تي مختلف پاسن کان حملو ڪيو ويو ٻئي پاسي اسرائيلي فوج جي ترجمان ڊينيئل هڪري حملن جي تصديق ڪندي چيو آهي ته ايران پنهنجي سرزمين تان اسرائيل جي سرزمين ڏانهن بنا پائليٽ وارا جهاز روانا ڪيا. رڳو ڪجهه ايراني ميزائل اسرائيل جي سرزمين تي ڪريا جنهن سبب فوجي اڏي ۽ اڏاوتن کي معمولي نقصان پهتو. ان ڪانسواءِ ايراني حملن جي جواب ۾ آمريڪا ۽ اردن اسرائيل جي مدد ڪندي ايراني ڊرونز ڪيرائي ڇڏيا. ٻئي پاسي يمن جي حوثين ۽ لبنان جي حزب الله طرفان به اسرائيل تي حملن جا اطلاع آهن. ياد رهي ته ڀهرين اپريل تي اسرائيل جي دمشق ۾ ايراني قونصل خاني تي حملي ڪانپوءِ ايران اسرائيل تي جوابي حملي ڪان خبردار ڪيو هو.

بقايا ✻✻✻ 18

والد جي ورسي جي موقعي تي سيوهڻ پهتو. هن پنهنجي والد جي مزار تي فاتحہ خواني ڪئي ۽ دعا گهري. ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي سندس چوڻ هو ته اڄ شهيد ڀٽو جي ورسي جو ڳڙهي خدا بخش ڀٽو ۾ پروگرام آهي، والد صاحب جي ورسي جي قرآن خواني ۾ شرڪت ڪري ڳڙهي خدا بخش ويندس. هن چيو ته پي ٽي آءِ باني اقتدار ۾ حمايت ۽ طاقت جو غلط استعمال ڪيو پي ٽي آءِ چيئرمين سياست بدران طاقت جو استعمال ڪيو ۽ پنهنجي لاءِ مسئلا پيدا ڪيا. تحريڪ انصاف طرفان ميينا ڏاڏلي خلاف تحريڪلاڻ تي ڳالهائيندي هن چيو ته هاڻي جونڊون ٿي چڪيون آهن ته هن وقت ڪنهن تحريڪ جو جائزو وٺڻ نٿو لهي. وڏي وزير ٻڌايو ته برساتن کي نظر ۾ رکندي سمورن اداارن کي الرٽ ڪيو ويو آهي.

بقايا ✻✻✻ 19

شڪر گذار آهيان جنهن مون کي اهڙي نيڪ ڪم لاءِ چونڊيو آهي ۽ مان سيد خورشيد شاهه جو ٿورائتو آهيان جنهن شروع ۾ ڪن وٺي هن وقت تائين ساٿ ڏنو شاهه صاحب پيپلز پارٽيءَ جو نه پر سڄي پاڪستان جو فخر آهي، شاهه صاحب جا دروازا اسان سڀني لاءِ هميشه کليل آهن، 2009 ۾ پاڪستان سوئيٽ هوم جو آغاز مالا ڪندي ڪان ڪيو جڏهن ات آءِ ڊي پيز هئا الله جو فضل آهي ته منهنجا پٽ ۽ ڏيئر سڄي پاڪستان ۾ موجود آهن سياست چڏڻ ڪنهن به سياسي ڪارڪن لاءِ وڏو ڪم آهي پر مان پنهنجي سياست چڏي انهن ٻارن لاءِ ڪم ڪيو . 27 ڊسمبر واري جلسي ۾ ٿيل بم ڌماڪي ۾ به مان الله جي فضل سان محفوظ رهيس ۽ هاڻي منهنجي زندگي صرف فرشتن ۽ پرين لاءِ آهي جن جا والدين هن دنيا ۾ نه آهن. شاهه صاحب جي هڪ ويجهي دوست جي مهرباني جنهن اسلام آباد ۾ هڪ وڏو سوئيٽ هوم ٺهرائي ڏنوسيد خورشيد احمد شاهه سڪر ۾ هڪ محل جهڙو پاڪستان سوئٽ هوم تعمير ڪرايو انشاالله پاڻ جاني اسڪالر شپ وڌندي ۽ سوين پٽن ۽ ڏيئرن کي اسڪالر شپ ڏني ويندي، تقريب کي خطاب ڪندي سيد خورشيد احمد شاهه چيو ته پاڪستان سوئٽ هوم پاڪستان جو نه پر دنيا جو ماڊل آهي، جنهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ 500 ٻارڙا هجن پاڪستان جي هر شهر ۾ قائم ٿيڻ ڪا وڏي ڳالهه نه آهي، هتي به انهن ٻارن جي حوصلا افزائي ڪرڻ آهي، مان سڀني معززين جو ٿورائتو آهيان سوئٽ هوم سان گڏ سڄي زندگي جو سات رهندو تقريب کي پ ٽ جي مرڪزي اڳواڻ قما زمان ڪائره سوئيٽ هوم سڪر جي انچارج شبير ميمڻ ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو

بقايا ✻✻✻ 20

آپريشن ۾ حصو ته وٺندو، اها ڳالهه هولهه جو بائيڊن ۽ نيتن ياهووج ۾ ٽيليفونڪ رابطي دوران ٿي. رابطي دوران جو بائيڊن اسرائيلي وزيراعظم کي آمريڪا جي حمايت جو يقين ڏياريو. آمريڪي صدر نيتن ياهو کي ٻڌايو ته هن اسرائيل جي حملن خلاف دفاع ۽ حملن کي ناڪام ڪرڻ لاءِ صلاحيت جو مظاهرو ڪيو آهي آمريڪي صدر چيو ته پنهنجي دفاع جو مظاهرو ڪري اسرائيل پنهنجي دشمنن کي واضح پيغام ڏنو آهي ته هو اسرائيل جي سلامتي کي خطري هيٺ نٿا آئي سگهن.

بقايا ✻✻✻ 21

بيل آئوٽ پيڪيج لاءِ ڳالهيون ڪندو پاڪستان ۽ آءِ ايم ايف وچ ۾ ڳالهيون ايندڙ هفتي ٿينديون پاڪستان نئين قرض پروگرام لاءِ آءِ ايم ايف کي درخواست ڪندو نئين قرض پروگرام لاءِ ڳالهيون ايگزيڪٽو بورڊ جي اجلاس کان پوءِ ٿينديون . نائي واري وزير محمد اورنگزيب جي آءِ ايم ايف جي ايم ڊي سان ملاقات جو امڪان آهي.

بقايا ✻✻✻ 22

ٽيو جنهن ۾ نوشڪي سانحي ڪانپوءِ واري صورتحال جو جائزو ورتو ويو ڪوئيٽا ۾ ٽيل اجلاس ۾ آءِ جي پوليس، چيف سيڪريٽري سميت اعليٰ سول ۽ عسڪري عملدارن شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ ڪمشنر ۽ ڊپٽي ڪمشنر جنرل نوشڪي سانحي بابت بريفنگ ڏني. اجلاس ۾ نوشڪي واقعي جي مذم

بقايا 01 ********

جن کئي ان موقعي تي عطا ڇانهيون "پٽائي ۽ سنڌ " جي موضوع تي ليڪچر ڏيندي شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي شاعريءَ کي آسان ٻوليءَ ۾ سمجهائي پيش ڪئي جنهن ۾ خاص موجوده سنڌ جي صورتحال کي فوڪس ڪيو ويو جنهن ۾ پريا ڪماري سميت بدحالي ۽ لاقانونيت شامل هئي هن لطيف جي شاعريءَ مان ماروي ۽ سسئي جي جدوجهد جو حوالو ڏيندي چيو ته سنڌ جي نوجوان کي سچ جوسات ڏيڻ ، حق لاءِ وڙهڻ ۽ ڌرتيءَ خاطر مرڻ جيئڻ جو رچن ڪرڻ گهرجي اصل ۾ اها ئي زندگي آهي هن اهو به چيو ته افسوس سان چوٽڙ ٽوپوري ته اڄوڪي دور جا ڪجه اديب ۽ شاعر به درست سمت ۾ ناهن جيڪي ظالم حڪمرانن جي سرڪار کان وظيفا ۽ ايوارڊ وٺن ٿا اسين انهن کي ڪڏهن به لطيف سائينءَ جو عاشق ۽ ڇاهيندڙ نٿا سمجهون ان ڪري مان انهن ايوارڊن ۽ وظيفن کان ڪوهين پري رهندو آهيان عطا ڇانهيون وڏيڪ چيو ته اسان کي گهرجي ته لطيف سائين جي شاعريءَ کي سمجهون پرڪيون هن چيو ته سائين جي ايم سيد جو رسالو پيغام لطيف هڪ شاهڪار ڪتاب آهي جيڪڏهن ايئن چوان ته منهنجو اڃوڪو لڪيڪر به سائين جي ايم سيد جي ڪتاب پيغام لطيف مان آهي ته ان ۾ ڪو وڌاءُ نه هوندو ۽ ان تي عمل ڪريون هن افسوس ڪندي اهو به چيو ته لطيف سائين جي مزار تي اڄ فڪري ڳالهه ناهي صرف دڪانداري هلي رهي آهي ان ڪري سنڌ جي ماڻهن خاص ڪري نوجوانن کي اڳتي اچي ان ۾ ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي ان کان اڳ سنڌي ادبي سنگت جي سيڪريٽري مائڪ ملاح آيل مهمانن کي آجيائو پيش ڪيو جڏهن ته سڪرنڊ پريس ڪلب جي جنرل سيڪريٽري مير محمد ڪيريو پروگرام کي ترتيب وار هلائي خوبصورتي پيدا ڪئي آخر ۾ سيد محمد منير شاهه مهمان خاص عطا ڇانهيون سميت ليڪچر پروگرام ۾ شامل ٿيندڙن جو شڪريو ادا ڪيو ان موقعي تي سڪرنڊ پريس ڪلب جو صدر رضا محمد سيال ، آفتاب احمد چانڊيو ، قربان شاه ، جهانگير ڏاهري ، پروانو سومرو ، معشوق ڏاريجو ، علي نواز ڏاهري ، غلام نبي ڪيريو ، اياز مهر ، مصور چوهاڻ ، محمد يعقوب ڏاهري ۽ خير محمد لاکو سميت ڪئي شخصيتون شريڪ هيون پروگرام دوران سينيئر صحافي قاضي جاويد سنائي ۽ محمد حنيف سومرو مهمان خاص عطا ڇانهيون کي سنڌ جي ثقافت لنگيون تحفي طور اوڙايون پروگرام جي پڇاڻي تي ليڪچر جي موضوع تي سوالن جوابن جو سلسلو پڻ رهيو

بقايا 02 ********

رات ڏٺي ٽائي جي حد سر نالي لنڪ روڊ چٽو چنڊ وٽ پوليس ۽ جوابدارن رچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ ۾ هڪ ڏوهاري زخمي حالت ۾ گرفتار جنهن جي سڃاڻپ حسين عرف ڏنڌو ولد پلو گندرو حيدرآباد ڏٺو لڳ ڀڳ عرس گندرو جو رهائشي ٻڌايو پيو وڃي ته آڇي جيڪو ڏٺي سمپت ضلعي جي مختلف علاقن ۾ ان ۽ هيروئن وڪرو ڪرڻ واري ڪاروبار ۾ ملوث آهي گرفتار حيدرآباد کان وڌيڪ ڄاڻ ڪئي پئي وڃي.

بقايا 03 ********

ڪٽنل ٽي پوليس ۽ ڏوهارين ۾ مقابلو 3ڏوهاري غلام عباس پنهور علي حسن چانڊيو ۽ عبداللطيف چانڊيوميتا زخمي ڊرائيور نادر بگهيو گرفتار جڏهن ته هڪ ڀڄي وڃڻ ۾ ڪامياب متن سنڌ جي مختلف ٿانن تي 30 کان مٿي هرهڪ تي ڪيس داخل آهن 3زخمين کي سول اسپتال داخل ڪيا ويو آهتمي ميمنا زخمي ٿيلن کي فست ايڊ ڏيڻ کان پوءِ شهيد بينظير آباد ريفر ڪيو ويو وڌيڪ ڄاڻ هلندڙ پوليس جو چوڻ آهي ته هنن تنهي ڏوهارين تي سنڌ جي مختلف ٿانن تي ڪيس داخل آهن ڄاڻ ڪيون پيا

بقايا 04 ********

هو تہ اوچتو طبيعت خراب ٿيڻ سبب فوت ٿي ويو جڏهن ته ڪوچ ڊرائيور فوتي مسافرجو لاش ٽيو بس ٽرمينل تي آندو جتي سندس ڪيسي مان سڃاڻپ ڪارڊ ڪڍي آن جي مدد سان مقامي دڪانداران ۽ ڊرائيورن فوتي جي وارثن سان رابطو ڪري اطلاع ڏنو جڏهن ته لاش کي پوليس جي ڪارروائي ڪانپو، بس ٽرمينل بيسس تي پهچي وارثن جو انتظار ڪيو وارثن جي پهچڻ تا لاش حوالي ڪيو جيڪي لاش کي ڌاڏو ڪٽائي ويا

بقايا 05 ********

آڏو احتجاج ڪيو ان موقعي تي پولهاڙي اتحاد جي سربراهہ يوسف سارنگ، جي ايم چانڊيو، برڪت ڳهوٽو، قومي عوامي تحريڪ جي اعجاز سومرو، سماجي اڳواڻ عرفان ملاح ۽ ٻين چيو تہ. وڏي وزير مراد علي شاهہ ۽ آءِ جي سنڌ کي پريا ڪماريءَ جي بازيابيءَ لاءِ عملي ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي ۽ الزام هيٺ آيل سنگرار جي شاهن کي قانون جي گرفت ۾ آڻي ڪانٽن پيرائڊي جاڳ ڪئي وڃي. هنن چيف جسٽس سنڌ کي پڻ اپيل ڪئي تہ پريا ڪماريءَ جي معاملي جو نوٽيس وٺي.

بقايا 06 ********

انصاف مطالبو رپورٽ موجب ڪنب جي ڳوٺ محمد لاٿو راڄپر واسيءَ ناري عذرا راڄپر ميڊيا آڏو احتجاج ڪندي چيو تہ ڪجه مهينا اڳ سکر واسي ياسين منگي سان شادي ڪئي هئي جيڪو مون مٿان ظلمن جا پهاڙ ڪيرائي رهيو آهي هر روز مون مٿان تشدد ڪري رهيو آهي ياد رهي پهريان مونهنجي شادي پنهنجي ٽي برادري ۾ ٿيل هئي ان شخص کان طلاق ٿيل آهي ان مان مون کي اولاد پڻ آهي ان پنهنجي مرضي سان ملڻ اچان ٿي ان ماضي تان مڙس ڏمرجي پئي ٿو تشدد ڪري ٿو هاڻي مون کي اڻت مارڻ چاهي ٿو هن وقت مان پنهنجي مائٽن وٽ ڳوٺ لاٿو راڄپر ۾ رهائش پذير آهيان هتي به منهنجو مڙس ياسين منگي هٿيار بند مائٽون وٺي اچي ٿو ۽ چوي ٿو ترڪي اڻت ماريندس ۽ منهنجي جان کي خطرو آهي ايس ايس پي خيرپور ايس ايچ او ڪنب نوٽيس وٺي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

بقايا 07 ********

جنهنجي اڳواڻي ڊيوزن اڳواڻ ابرار مورائي وقار عباسي باغي جنيد ڀلو آڪاش سنڌي توفيڪ چانڊيو اشفاق ملڪ ڏيشان عالماڻي ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا ان موقعي تي اڳواڻن ميڊيا سان گالهنديءَ چيو تہ سنڌ ۾ لاقانونيت جو راڄ آهي هر طرف سرڪاري ڏاڙيل مقرر ڪيا ويا آهن جن کان اغوا ڪاري سميت انسانيت جو قتل ڪرائي هٿرادو دهشتگردي ڪرائي سنڌ جو امن امان تباه ڪيو ويو آهي جن کي فوري طور تي ختم ڪري سنڌ اندر امن امان قائم ڪيو وڃي

بقايا 08 ********

دوران نوجوان حاجي ڪاتيار کهاڙين لڳڻ جي ڪري سخت زخمي ٿي پيو . بلڙي شاهہ ڪريم جي آبادگار پوليس پوسٽ ٿاڻي جي حد ڳوٺ جمعون نوحاڻي ۾ گهريلو تڪرار تان نوحاڻي برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙي سبب لئين کهاڙين لڳڻ جي ڪري نوجوان لقمان نوحاڻي سخت زخمي ٿي پيو . زخمين کي اسپتال داخل ڪري بلڙي شاهہ ڪريم پوليس ۽ آبادگار پوليس اسٽيشن تي الڳ الڳ اين سي داخل ڪئي وئي آهي پر ڪا به گرفتاري عمل ۾ نہ آندي وئي آهي.

بقايا 09 ********

نيو ويو ٻني طرف ڳوٺ ڪرنل حنيف ۾ نوجوان ماسنگ ولد گيانچند باگڙي پاڻ سان جهيڙو ڪرڻ بعد ڪاوڙ ۾ زهريلي جيت مار دوا پي آپگهات ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن کي تعلقہ اسپتال تنڊوآدم ۾ داخل ڪيو ويو آهي

بقايا 10 ********

سبب سمورا مريض سول اسپتال مڪلي رفر، تفصيل موجب ڏڙو لڳ ڳوٺ ڪانڊيرو خاصخيلي ۽ ڳوٺ لاکو ميربحر ۾ قلفيون ڪائڻ سبب 15 کان مٿي ٻارڙن جي حالت خراب ٿي وئي. قلفيون ڪائڻ سبب نورجهان، شير بانو، نغار، نور بانو، الطاف، آچار، نور النساء سميت 15 ٻارن کي جلاب ۽ الٽيون شروع ٿي ويون، جڏهن تہ ٻارن کي بيهوشي جا دورا پئجي ويا، سمورن ٻارن کي علاج لاءِ رورل هيلٿ سينٽر ڏڙو آندو ويو، سرڪاري اسپتال ۾ بجلي ۽ ٽيسٽ ليبارٽري بند هئڻ ۾ ٻين بنيادي سهولتن جي کوٽ سبب ٻارڙن جي علاج ۾ سخت ڏکيائيون پيش آيون، ان سلسلي ۾ ٻارن جي وارثن رسول بخش خاصخيلي، لاکو ميربحر ۽ ٻين ٻڌايو تہ. ٻارن منجهند جو ڳوٺ ۾ قلفيون وڪرو ڪندڙ کان قلفيون وٺي ڪاڏيون تہ اوچتو ئي اوچتو سندن طبيعت خراب ٿي وئي، هوڏانهن ڏڙو اسپتال جي ڊاڪٽر ڳالهائيندي چيو تہ قلفيون ڪائڻ سبب ٻارڙن کي فوڊ پائيزن ٿي ويو آهي. اسپتال ۾ آندل ٻارن کي طبي امداد ڏني وئي آهي، ٻارن کي ليبارٽري ٽيسٽ لاءِ مڪلي اسپتال منتقل ڪيو آهي، ٻارڙن جي حالت خطري کان ٻاهر آهي.

بقايا 11 ********

جي هڪ ڪمري ۾ چت واري پکي ۾ رسو وجهي ڦاهو کائي خود ڪشي ڪري ڇڏي آهي . ان سلسلي ۾ فريد ديرو ٿاڻي جي وڏي منشي غلام عباس رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو تہ لاش جو ٽيمر جتوئي روول هيلٿ سينٽر مان پوسٽ مارٽم ڪرائي لاش وارثن حوالي ڪيو ويندو . هن ٻڌايو تہ پيءُ ماءُ کان رسي نوجوان جذباتي فيصلو ڪري آپگهات ڪيو آهي ، ٻئي طرف اوچتو ٿيل واقعي سبب نوجوان جي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو سندس پيءُ ۽ امڙ کي بيهوشي ۽ جا دورا پئجي ويا ۽ آس پاس ۾ پڻ سوگ وارو ماحول برپا ٿي ويو . آخري اطلاع موجب اڃا تائين نوجوان جي لاش جو پوسٽ مارٽم نہ ٿيو هو ۽ نہ ئي اهڙي قسم جي واقعي جو ڪو ڪيس وغيره داخل ٿي سگهيو هو.

بقايا 12 ********

بلوچ پاران جاري ڪيل بيان موجب گذريل ڏينهن ايس ايچ او جهانگڙو ٿاڻي جي حد علي واهڻ گيٽ وٽ ناڪابندي دوران ايف ايڪس ڪار نمبر P_3319 جي تلاشي دوران 108 بوتلون شراب هٿ ڪري هڪ منشيات فروش اختر شاهہ کي گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪيو ويو مبارڪون ڏنيون ويون آهن منشيات فروش روهڙي کان صالح پٽ طرف شراب سهلاءِ ڪرڻ وڃي رهيو هو

بقايا 13 ********

ورتو . گرفتار ڪيل 17 جڻن کي تندو محمد خان جي سٽي ٿاڻي تي لاڪپ ڪيو ويو. جنهن کانپو، پوليس بااثر شخصيت جي مداخلت ۽ ڏيتي ليتي ڪرڻ بعد 17 جوارين کي بنا ڪنهن ايف آءِ آر داخل ڪرڻ جي ڇڏي ڏنو. ياد رهي تہ پوليس جي ڇاپي واري جوا جي اڈي تي سٽي پوليس هن کان اڳ ڪيترائي دفعا ڇاپا هڻي گرفتارين ڪرڻ بعد ايف آءِ آر پن داخل ڪيون پر هن دفعي بنا ايف آءِ آر جي گرفتار ڪيل جوارين کي پوليس آزاد ڪري ڇڏيو. علاقتي جي ساڃاهہ وندن پوليس جي ڏوهارين خلاف ڪريڪ ڊاٽون واري دعويٰ کي رد ڪندي آزاد ڪيل جوارين کي ٻيهر گرفتاري جو مطالبو ڪري ڇڏيو آهي.

بقايا 14 ********

آمد تي هاسپيٽل جي اڳواڻ ڊاڪٽر مظفر علي عيسائي طرفان آڇيان ڪئي وئي. آجيائي ۾ سندس سائن گ�ٽ ڊاڪٽر سيد نجيب علي شاهہ ۽ سينيئر قانونداں ايڊووڪيٽ سيد محمد علي شاهہ به گڏ هئا. ان موقعي تي آغا سراج خان دراني پنهنجي طرفان اسپتال کي ايمبولينس ونيٽ ڪئي آغا سراج خان درانيءَ آينده به پنهنجي تعاون جو يقين ڏياريو ۽ ان گالهہ تي زور ڏنو تہ علاقتي جي پين سياسي ۽ سماجي شخصيتن کي به اڳتي وڌي ڊاڪٽر زينت عيسائي صاحبہ ۽ ڊاڪٽر مظفر علي عيسائي جيان عوامي پلاٽيءَ جا ادارا قائم ڪرڻ گهرجن ان موقعي تي آغا سراج خان درانيءَ ميڊيا سان گالهائيندي چيو تہ ڊاڪٽر زينت صاحبہ جون ڪوششون اسانجي علاقي لاءِ بي مثال آهن اسانکي انهن جو قدر ڪرڻ ڪجهہ جو تي اهڙا ماڻهو صدين ۾ پيدا ٿيندا آهن ۽ انشاءالله اسين حڪومتي سطح تي ڊاڪٽر صاحبہ جي خدمتن کي نظر ۾ رکندي ايوارڊ جي سفارش ڪندا سين ان موقعي تي ٽرسٽ جي مئنيجنگ ٽرسٽي ڊاڪٽر مظفر علي عيسائي ڳالهائيندي چيو تہ آغا سراج خان درانيءَ جن انهن ۽ خاندان جون علاقتي لاءِ وڏيون خدمتون آهن ۽ ڳڙهي ياسين ۾ هاسپيٽل جي قيام ۾ سندن جي خاندان جي تعاون جا نهايت شڪرگذار آهيون آن سان گڏو گڏ ادي فريال تالپور صاحبہ . مراد علي شاهہ چيف منسٽر سنڌ ۽ ڊاڪٽر عذرا پيچوهو صاحبہ منسٽر هيلٿ جا به نهايت مشڪور آهيون چوجو اهي اسان سان تمام گهڻو تعاون ڪن ٿا انهن جي تعاون کان سواءِ اهي هاسپيٽل هلائڻ ممڪن نہ آهي سابقا صدر ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئشن شڪارپور سيد محمد علي شاهہ ڳالهائيندي چيو تہ اسين خوشنصيب آهيون جو اسان کي آغا سراج خان درانيءَ ڊاڪٽر زينت عيسائي صاحبہ ۽ ڊاڪٽر مظفر عيسائي اسان جي علاقتي سان واسطو رکن ٿا ۽ علاقتي جي خدمت ڪن ٿا.

بقايا 15 ********

سبب گرمي جو زور ٿتي ويو موسم خوشگوار ٿي ويو ان موقعي تي آبادگارن جو چوڻ هو تہ پاڻي پوکائي جي سيزن آهي ۽ آبپاشي عملي پاران پاڻي جي ڪوٽ جو جواز ڄاڻائي وارا بندي ڪري 21 پاڻي ڪري ڇڏيو آهي وقت سر بارش ٿيڻ سبب ڪجه فائدو رسيو آهي ۽ پاڻي جي به سخت ضرورت جتي چونڊا آهن ڏيڻ واري رب جي ذات آهي انسان ڇا ٿو ڏئي سگهي الله پاڪ جا ڪروڙين ڪرم آهن برسات سانتازي پوکيل ڪپهہ جي فصل کي سهارو ٿيندو.

بقايا 16 ********

واسي 20سالہ نوجوان چمن ولد لالہ ڪولهي زخمي ٿي پيو جنهن کي تعلقہ اسپتال سامارو آندو ويو . جڏهن تہ واقعوڙن موجب ڪار مين رود تي آئي پئي تہ موٽر سائيڪل سوار ڪجي مان رود تي چڙهندي ئي ڪار سان ٽڪرائجي ويو . جڏهن تہ زخمي موٽر سائيڪل سوار تعلقہ اسپتال سامارو زيري علاج هيٺ آهي .

بقايا 17 ********

اغوا ڪيو هو جنهن کي 9 سال گذرڻ باوجود بازياب نہ ٿي سگهيو آهي سکر پريس ڪلب ٻاهران قائم احتجاجي ڪئمپ تي احتجاج ڪندي زاهد حسين منگريو اعظم منگريو، محمد علي احمد علي منگريو جو چوڻ آهي تہ علي اصغر منگريو جي اغوا ۾ ملوث مڪ جوابدار پوليس عملدار آهي جڏهن تہ ٻين جوابدارن ۾ منظور منگريو، سعيد منگريو ۽ جنيد منگريو آهن انهن جا نمبر ٽريس ڪري ڏنا آهن پر هن وقت تائين معصوم علي اصغر انهن جي قيد ۾ آهي هنن اعلیٰ اختيارن کي اپيل ڪئي آهي تہ معصوم علي اصغر منگريو کي بازياب ڪرائي انصاف ۽ تحفظ ڏنو وڃي جيسيتائين علي اصغر بازياب نہ ٿيندو پر امن احتجاج جاري رهندو.

بقايا 18 ********

ويو، فوت ٿي ويل رفيق جوڪيو کي سندس اباڻي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو. سندس جنازي ۾ سياسي، سماجي اڳواڻن، شهرين، صحافين ۽ ڳوٺائن وڏي اڪ ۾ شرڪت ڪئي. ياد رهي تہ زخمين مان باقي 8 زخمي ڪراچي جي اسپتالن ۾ داخل آهن، جن مان زخمي رسولي جوڪيو، نياز علي جوڪيو ۽ علي شير جوڪيو جي حالت بدستور ڳڻتي جوڳي ٻڌائي پئي وڃي. هن ٽيل خوفناڪ ۽ المناڪ حادثي ۾ فوتين جو اڪ وڏي 19 ٿي ويراهي، جن ۾ هڪ ئي ڳوٺ ۽ هڪ ئي خاندان سان تعلق رکندڙ ڳوٺ قاسم جوڪيو جا رهواسي 17 جڻا شامل آهن، ٻئي طرف ٽيل افسوسناڪ حادثي ۾ فوت ٿيلن جي تڏي مڪلي لڳ ڳوٺ قاسم جوڪيو ۾ عذر خواهين جو سلسلو جاري آهي، تڏي تي مشهور عالم دين حافظ غلام محمد سوهو جي فرزندن ڪليمَ الله جان، احمد جان، مولوي ياسين جماري، ارباب ڪمن سمون ۽ ٻين پهچي وارثن سان ڏک وڻندي عذر خواهي ڪري مرحومن جي مغفرت لاءِ خصوصي دعائون گهريون.

بقايا 19 ********

علي چانڊيو چيو تہ اسان سياست کي عبادت سمجهون ٿا . انڪري ئي اسان پنهنجي حلقي ۾ عوام جي بي لوث خدمت ڪئي آهي ۽ اتي غير سياسي بنياد تي ترقياتي ڪم پڻ ڪرايا آهن . تقريب کي خطاب ڪندي ضلع ڪائونسل ٽوشهرو فيروز جي چيئرمين سهيل اختر عباسي چيو تہ پريس ڪلب مڪيائي (رجسٽرڊ) صحافين جي تربيت ۽ اصلاح وارو بهترين ادارو آهي . تقريب کي تڪ جي معزز شخصيت عبدالڪريم پنهور، ضلع بار ڪائونسل جي صدر محمد اياز مري ، سماج سڌارڪ عبدالوهاب عباسي ، ٽاليوارو سينئر صحافي ۽ وڪيل اڳواڻ لالہ حسن پٺاڻ ، پي پي پي تعلقي ٽوشهرو فيروز جي اڳواڻ محمد پيل ملڪ ، سينئر صحافي عتيق الرحمان قريشي ۽ سڪندر آڪاش پنهور پڻ خطاب ڪيو . ٻئي طرف سال 2024 لاءِ نئين چونڊيل بادي صدر سڪندر علي آڪاش ، نائب صدر لالہ شمشير علي، جنرل سيڪريٽري منظور علي ملڪ ، ڊپٽي جوائنٽ سيڪريٽري ايم جمن راجپوت ، خزانچي رانا اڪرام علي ، انفارميشن سيڪريٽري سليم رضا پٽي ،رانا غلام سرور ، عبدالستار ڪنهر ڪي ضلع ڪائونسل جي چيئرمين سهيل اختر عباسيءَ حلف ڪنايو ۽ چونڊيل بادي صدر سيني عهديدارن کي هار پاراايا . ان موقعي تي ايم پي اي ممتاز علي چانڊيو ، چيئرمين ضلع ڪائونسل ٽوشهرو فيروز سهيل اختر عباسي ۽ تڪ جي معزز شخصيت عبدالڪريم پنهور پاران پريس ڪلب مڪيائي (رجسٽرڊ) جي عمارت نهرائي ڏيڻ سميت هڪ لک روپيه ڏيڻ جو اعلان پڻ ڪيو . تقريب ۾ رسول بخش پٽي ، عبدالواحد عباسي ،غلام فاروق عباسي ، لالہ انور علي پٺاڻ ،غلام سرور باغاڻي ، وائيس چيئرمين تاڻون ڪاميٽي مئيائي نويد علي مستوئي ، اظهار علي شاهہ ،عبدالستار پٺاڻ ، نبي بخش مستوئي ،غلام مجتبي باغاڻي ، لالہ شوڪت بلوچ ، رائو طفيل احمد ، جسٽس اڳواڻ فيصل مستوئي ، نظام الدين مشوري ، عبدالجبار جوش ، مولوي شاهد علي شازلي ،اڊووڪيٽ عبدالوحيد ملڪ ،امين چانڊيو ، گلبهار باغاڻي ، ڪائونسلر اسد پٺاڻ ، اقليتي ڪائونسلر پرويز ، وقارالحسن پٺاڻ ، شاهجهان مستوئي ، مسرور پٽي سميت سوين شهرين شرڪت ڪئي.

بقايا 20 ********

ميڊيا تي خبر هلڻ کان بعد حاجي نبي بخش مري جي الظامن کي رد ڪندي قلندر بخش مري سول سوسائٽي سميت پاڪستان پريس ڪلب سانگهڙ پهچي پريس ڪانفرس ڪندي چيو تہ. حاجي نبي بخش مري سانگهڙ ۾ بدامڻي فيلاڻي رهيو آهي جو پريو فورو وغيره ڪرائي سانگهڙ ضلعي جو ماحول خراب ڪري رهيو آهي اسان جي سائس کاب دشمني نہ آهي آيس پي سانگهڙ کي گهرجي تہ ٻنهي ڌرين جي سهي نمونو جاچ ڪري سانگهڙ ضلعي جو امن خراب ڪندڙ خلاف قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي

بقايا 21 ********

پنهنجائت پاران هندو برادري روحاني مها سنت يوگيشور ڏاڍي شوگر سوامي جو 253 هون سالياني ميلو شهر جي قديمي مڙهي ۾ ملهايو ويو جنهن ۾ گيتا پرڀات صاحب دوب صاحب ست سنگ سميت پيون ڌارمڪ رسمون ادا ڪيو ويو پرهہ ڦٽي تائين جاري ست سنگ ۾ سنڌ جي نالي وارن پڪتن امولک داس ڊليپ ڪمار سنيل ڪمار سنتوش ڪمار مالهي پڪٽ واشو مل مڪهاراڻ مهاراج چمن ڪلال روي ڪمار پاڻڇند ميگهواڙ سميت ٻين پڪتن پڳوان ۽ يوگيشور ڏاڍي شوگر سوامي جا پڇن ڳائي ياتري جي جوماڻي ڇڏيو جڏهن تہ سوين ياترين مڙهي صاحب کان ڏوڻي صاحب تائين ريلي ڪڍي وئي جهمريون هٿيون ويون جڏهن تہ پي تي اي آءِ اڳوڻي ايم اين اي لال مالهي سميت سنڌ جي مختلف علاقن مان آيل ياترين شرڪت ڪري پوجا پاٺ ڪئي انسانيت جي پيلاڻي ۽ ملڪ جي خوشحالي لاءِ خاص پراتاڻون ڪيو ويون شوگر شيوا مندلي جي سوين شيوا ڌارين پرساد پنداري جا مختلف اسٽال لڳائي آيل ياترين جي شيوا ڪئي جڏهن تہ پوليس پاران سڪيورٽي جا انتظام سخت ڪيا ويا هئا مڙهي صاحب کي ڪنوار جيئان سينگاريو ويو هو

بقايا 22 ********

لڳ ڳوٺ الهہ بخش تالهر مان شادي ڪرڻ لاءِ جاڄين سميت ٽريڪٽر ٽرالي تي وڃي رهيو هو تہ ٽريڪٽر ٽرالي جي ڪناري تي ويل ماءُ ڌي هيٺ ڪري پيون ۽ مٿن ٽريڪٽر ٽرالي چڙهي وئي موقعي تي ئي پراڻي زال امداد تالهر ۽ سندس ٻن سالن جي هنج ۽ ويل ڏي لال خاتون فوت ٿي ويون وارث سندس لاش ڳوٺ الهجڙيو ٽالهر ڪٽائي آيا جهن سبب ڪهرام مچي ويو ۽ خوشيون ماتم ۾ تبديل ٿي ويون مهمان لاءِ ٽيل ڪاڏر ڪانڌين کي ڪاراڻو ويو غلاڻقي اندر ڏک جي فضا ڇانيل آهي

بقايا 23 ********

اي ڪي لاشاري، پيپلز پارٽي خانپور صدر محسن سيال، يوٿ صدر نعيم خان برڙو، پيپلز ليبر بيورو اڳواڻ سيد عرفان شاهہ امروٽي، هاري ڪاميٽي اڳواڻ امان شر، چوڌري محمد يعقوب آرائين ، پنجواڻڙ مان محمد سچل هڪڙو، ڳڙهي دڪو مان عبدالنبي جعفري، ترائي مان محمد نواز بروهي ۽ علي دوست جهلڻ، ڊاڪٽر عبدالقادر بروهي لانگو اقبال احمد ٿهيم، لوورا مان ثناءَ مست مقيم، ڊاڪٽر غلام رسول بروهي، غلام محمد لوورو، عبدالخالق برادي، مريد سيال مان حبيب سيال، جنو مان دلبر خان مهر، شاهنواز لهر ۽ ذوالفقار علي حاجاڻو، ماڇي منظور احمد لهر، رياض احمد لهر، منظور سولنگي، بابل لهر، محمد علي ڪاڪيپوٽو، شفيق احمد برڙو، ڪرن مان تاج محمد برڙو، رئيس ايوب سنڌراڻي، مظهر پٽو، غلام حيدر راڙهي، هاري ڪاميٽي اڳواڻ افضل جعفري، يار محمد جعفري، سلطان ڪوٽ مان آغا لعل بخش خان، همايون مان عبدالباقي، ميان صاحب مان ميان عبدالمنان پنهيار جي قافلن سان گڏجي قافلو ڳڙهي خدا بخش پٽو روانو ٿيو ان کان اڳ پيپلز پارٽي اڳواڻ ۽ ميمبر سنڌ اسمبلي امتياز احمد شيخ خطاب ڪندي چيو تہ شهيد ذوالفقار علي پٽو کي خراج تحسين پيش ڪرڻ لاءِ اسين ڪارڪنن سان گڏجي پيٽا پيش ڪرڻ لاءِ ڳڙهي خدا بخش پٽو رجي رهيا آهيون چوتہ 45 سالن بعد ڪورٽن مان پيپلز پارٽي کي انصاف مليو آهي، جنهن هميشہ سياست عوام لاءِ ڪئي ۽ خدمت ڪئي، هن چيو تہ اسين ان تسلسل کي جاري رکڻ لاءِ چيئرمين بلاول پٽوزرداري جو عظيم الشان خطاب ٻڌڻ لاءِ وجون پيا.

بقايا 24 ********

بازياب ڪريو سنگرار جي سيدن کي گرفتار ڪريو سنڌ کي ڏاڙيلن کان آزاد ڪرايو سنڌ مان ڪرپشن ختم ڪريو شهرن مان منشيات جو خاتمو آٿيو ۽ پيا نعرا لڪيل هئا، ريلي شهر جي مختلف علاقن مان ٽيندي جڏهن اسٽيشن جئوڪ تي پهتي تہ ڪارڪنن ڏرٿو هٽي مين مني ___ ميرپورخاص روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو جنهن سبب ٽرئفڪ معطل ٿي وئي، ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو تہ سنڌ حڪومت ڏاڙيلن حوالي آهي سنڌ جا ماڻهون ڏاڙيلن جي رحم ڪرم تي آهن پنگ مافيا سنڌ حڪومت جي ڊيلي ونگ آهي جنهن کي تاسڪ مليل آهي تہ سنڌ جي رسيلن تي ڏاڙا هڻو ماڻهون اغوا ڪريو منشيات هلايو سنڌ جي ماڻهن کي تباه ۽ برباد ڪريو انڪري سنڌ حڪومت اڻ اعلانيا ڏاڙيلن جورن ڦڻن حوالي آهي جنهن سبب سنڌ مان امن جو پڪي اڏامي ويو آهي ٿاٿا ڏيکن تي ڏنل آهن جيڪي ڪروڙين رپيا منتلي گهرو وزير معرفت بااثر سياسي پارٽي کي پهچائين ٿا عوام عذابن ۾ مبتلا آهي هنن جيو تہ پريا ڪماري کي اغوا ڪندڙ ظاهر ٿي جڪا آهن جيڪي سنڌ حڪومت ۾ ويٺا آهن پوليس انهن کي گرفتار ڪرڻ کان بيوس بڻيل آهي، هنن چيو تہ ٽائون ڪميٽي جهڏو ورهين کان ترقياتي ڪم نہ ڪرايا آهن هنن سبب شهري زندگيءَ جي سموري بنيادي سهولتن کان محروم آهن، موجوده ڪائونسل ۽ ڪاموريا ملي پڳٽ ڪري عوامي نائي جي ڪروڙين رپين جي قرلٽ ڪري رهيا آهن هنن مطالبو ڪندي جيوت سنڌ مان منشيات جو خاتمون آڻي امن بحال ڪرايو وڃي، هنن مطالبو ڪيو تہ معصوم پريا ڪماري جي بازيابي سميت سنڌ جي هر شهر ۾ بنا دير ترقياتي ڪم ڪرايا وڃن سنڌ ۾ پاڻي جي قدرتي وهڪرن تان قبضا ختم ڪرائي بندن جو ڪم ڪرائي سنڌ ۾ پاڻي جي هٿرادو ڪوٽ ختم ڪري آبادين لاءِ پاڻي پهچايو وڃي.

بقايا 25 ********

جوڻيجو ۽ پ پ پ اڳواڻ اسد خان جوڻيجو جي اڳواڻي ۾ قافلو ڪي اين شاهہ پهتو جتي پ پ پ تعلقہ اڳواڻ لالہ اعجاز چانڊيو، ميرمرتضيٰ لغاري پاران منعقد ڪيل ڪيمپ تي پهتا جتي پ پ پ ڪارڪنن جيالن پڻ گلن جي ورکا ڪري زيرست آڇيان ڪئي. ۽ جيئي پٽو جي نعريبازي ڪئي، ان موقعي تي پ پ پ ايم پي اي زبيراحمد جوڻيجو چيو تہ اڄ شهيد ذوالفقار علي پٽو جي ورسي آهي پٽي جا چاهيندڙ سڄي ملڪ مان لکين تعداد ۾ ڳڙهي خدابخش پٽو پهچي سياسي عقيدت جو پرپور اظهار ڪندا آهن. هن وڌيڪ چيو تہ شهيد ذوالفقار علي پٽو عوامي ليڊر هو، ملڪ جي معيار کي بلند رکڻ ۾ ذوالفقار علي پٽو جو وڏو ڪردار آهي، جنهن ملڪ کي ايٽمي صلاحيتن سان سرشار ڪري پاڪستانين کي فخر سان ڪنڌ مٿي رکيو آهي، اڄ ڪيس لکين عوام سلامي پيش ڪري رهي آهي، ان موقعي ۾ پ پ پ اڳواڻ سيد ماجد شاهہ، هاشم لاشاري، مختيار بروهي، سيد احمد شاهہ، ممتاز ملاح، عاشق علي لغاري، نظر حسين ٻپر، محمد اسلم چانڊيو، پسند علي جروار، شاهد جوڪيو، عمران سومرو، عمران جمالي ۽ ٻيا پارٽي اڳواڻ پڻ گڏ هئا.

بقايا 26 ********

دانشور جامي چانڊيو، ڊي وي اداڪار رفيق عيسائي، سيڊا جو ڊائريڪٽر نظير عيسائي، عوامي تحريڪ جي اڳواڻ علي محمد پرويز، نور محمد ڪيبر ۽ ٻين جو خطاب. سوين ماڻهن جي شرڪت. تفصيل موجب ڏڙو جي عيسائي چاٽوري ۾ پٽائي آرٽس ڪائونسل ۽ ڊاڪٽر رجب ميمڻ ميموريل ڪميٽي طرفان منعقد ڪيل ليڪچر پروگرام ڪي سنڌ جي ڪاليواري دانشور ۽ ليکڪ جامي چانڊيو خطاب ڪندي چيو تہ بيچيني زندگي جي علامت آهي ڪو به ماڻهو زندگي ۽ سماج مان مطمئن ناهي جنهن ڏينهن ماڻهو حياتي مان مطمئن ٿيندو ان ڏينهن تلاش ۽ جستجو ختم ٿي ويندي ۽ ماڻهو اندر ۾ مري ويندو، توهانکي سماج ۾ مطمئن ڪندڙ ماڻهو گهٽ نظر ايندا. هن چيو تہ سرمائيدار دنيا پيداوار ۽ کپت کي ڏسي ان جي ترقي جو گراف ڪڍندا آهن، ان موقعي تي فڪري ويهڪ کي نذير عيسائي، پٽائي آرٽس ڪائونسل سنڌ جو صدر رفيق عيسائي، منير چانڊيو، علي محمد پرويز، ڊاڪٽر شاهد ميمڻ، مرتضي سيال، ڊاڪٽر بشير سومرو، باغي مختيار ميمڻ، غياث ميمڻ، نور محمد ڪيبر، وفا ميمڻ، اشفاق سومرو ۽ ٻين شرڪت ڪئي ۽ خطاب پڻ ڪيو.

بقايا 27 ********

پتو وڻڻ لڳي، تفصيل موجب مارڪيٽ ڪميٽي گهوٽڪي ۾ روزانہ لکين روپين ڪرپشن هجڻ جو انڪشاف، سبزين، فروٽن، پاڻين ۽ گوشت سميت روز مره جي شين ۾ هٿرادو ريٽ مهانگا ڪرڻ جو انڪشاف ٿيو آ